روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) سومر 26 جون 2023ع بمطابق 07 ذوالحج 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 32

قومي اسيمبلي نااهلي جي سزا 5 سال ڪرڻ جو بل اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو

اهڙي ترميم ڪان پوءِ 5 سالن ڪان وڌيڪ نااهلي جي سزا نه هوندي ۽ لاڳاپيل شخص قومي يا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر بڻجڻ جي اهل هوندو

آئين جي آرٽيڪل 62 ون ايف جي تحت نااهلي جو مدو 5 سال ٿي ويندو

بل جي منظوري سان اڳوڻي وزيراعظم نوازشريف ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي سربراهه جهانگير ترين جو چونڊ وڙهڻ جو رستو به سڌو ٿي ويو

قومي اسيمبلي چونڊن جي تاريخ اليڪشن ڪميشن کي ڏيڻ جو بل به اتفاق راءِ سان منظور ڪري ورتو

سينيٽ مان هي بل 16 جون تي پاس ٿي چڪو آهي، صدر جي صحيح بعد هي فوري لاڳو ٿيندو

صدر عارف علي گهرياتين ۽ دوستن جو جهاز پري حج تي ويل آهي، صادق سنجراڻي قائم مقام صدر آهي جيڪوان ۾ رڪاوٽ نه بڻبو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ايوان بالا سينيٽ ڪانپوءِ قومي اسيمبلي مان به حڪومتاليڪشن ايڪٽ 2017 ۾ ترميم جو بل منظور ڪرائي ورتو آهي. هن بل جو مقصد آئين جي شق 62 موجب مجلس شوريٰ جي ڪنهن به ميمبر جي نا اهلي جو مدو 5 سال هوندو ۽ هي قانون ماضي ۾ جن کي مليل سزا آهي آها ان وقت ڪان ڳڻي ويندي. جنهن جو سڌو سنئون فائدو اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسان پاڪستان کي معاشي استحڪام ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪا آهيون: اسحاق ڊار

شين جي گراوٽ رڪجي چڪي آهي. اسان جو حدف ملڪ کي ترقي جي رستي تي آڻڻ آهي. بجيٽ منظور ڪري ورتو آهي سمورن ميمبرن جو ٿورائتو آهيان

حج فلائيٽ جي حوالي سان غلط افواهون پکيڙيون پيون وڃن. بجيٽ سبب اسان سعودي عرب حڪومت ڪان اسپيشل فلائيٽ جي درخواست ڪئي هئي

پينشن ۾ سڌارن جي سخت ضرورت آهي. هن بجيٽ ۾ پينشن تي اسان جا 8 سئو ارب روپيا هليا ويا. ڪجھ سال اڳ تائين اها اڌ جيتري رقم هئي

گريڊ 17 ڪان مٿي جي ملازمن لاءِ هڪ ڪان وڌيڪ پينشنز وٺڻ تي پابندي هڻئي رئي آهي، ملڪ ۾ ڪيترائي ماڻهو هڪ ئي وقت آرمي چيف، صدر ۽ چيف ايگزيڪيوٽو جي عهدن جون پينشنز وٺندا رهيا آهن

هاڻي 10 سالن ڪانپوءِ پينشن نه وٺي سگهبي، پينشن ۾ سڌارا ڪندي سرڪاري ملازمن جو ڪنٽريبيوٽ فنڊ قائم ڪيو ويو آهي : قومي اسيمبلي ۾ تقرير دوران اظهار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ايندڙ مالي سال 24_2023 جي لاءِ 14 هزار 480 ارب روپين جو وفاقي بجيٽ قومي اسيمبلي مان اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو. فنانس بل جي شق وار منظوري ورتي وئي. ٽيڪس وصولين جو حدف 9 هزار 200 مان وڌائي 9 هزار 415 ارب مقرر ڪيو ويو جڏهن ته پينشن ادائيگي 761 ارب روپين مان وڌائي 801 ارب روپيه ڪيو ويو فنانس بل ۾ وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير وزير اسحاق ڊار قومي اسيمبلي ۾ خيالن جو اظهار ڪري رهيو آهي

نوازشريف جون دبئي ۾ اهم ملاقاتون، ملڪ واپسي بابت ڳالهيون فائنل ٿيڻ جو امڪان

دبئي جي حڪومت طرفان نوازشريف کي خصوصي پروٽوڪول ڏنو پيو وڃي

نوازشريف دبئي ۾ ترسڻ ڪان پوءِ ابو ظهبي ۽ سعودي عرب روانو ٿيندو

پاڪستاني سياست جو مرڪز هن وقت دبئي بڻيل رهندو جنهن جي لاءِ ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن جي دبئي پهچڻ جو امڪان آهي : ذريعا

مسلم ليگ (ن) اڳواڻ ۽ اڳوڻو وزيراعظم نوازشريف (فائيل فوٽو)

دبئي (م ڊ) گڏيل ڏينهن متحده عرب امارات پهچندڙ مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نوازشريف کي دبئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نيشنل بينڪ ڪسٽم هائوس
برانچ اسپيشل ڪليئرنگ لاءِ 30
جون کليل رهندي

ڪراچي (م ڊ) ڪجھ بئنڪن جون شاخون 27، 28 ۽ 30 جون تي به کليل رهنديون، اسٽيٽ بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

دوڙ ويجهو خوفناڪ روڊ حادثو، 6 مسافر فوت، 50 زخمي

مهراڻ هاءِ وي تي ڪراچي ڪان رحيم يارخان ويندڙ ۽ ڪي پي ڪان ڪراچي ايندڙ مسافر ڪوچن ۾ ٽڪر ٿيو

ٽڪر جي نتيجي ۾ قربان ميراڻي، رضيه بيبي ۽ گل آغا خان سميت 6 مسافر فوت ٿي ويا

حادثي جي نتيجي ۾ محب علي، پهلوان، الهورايو، شهباز، قدير، غلام فاطمه ۽ محمد سائم سميت 50 ڄڻا زخمي ٿي پيا

نوابشاهه/ دوڙ (نمائندن وٽان) دوڙ ويجهو خوفناڪ روڊ حادثو، 6 مسافر فوت ٿي ويا، 50 ڄڻا زخمي ٿي پيامهراڻ هاءِ وي تي ڪراچي ڪان رحيم يارخان ويندڙ ۽ ڪي پي ڪان ڪراچي ايندڙ مسافر ڪوچن ۾ ٽڪر، قربان ميراڻي، رضيه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ملڪ کي ڊيفالٽ ڪندڙ اڄ اسحاق ڊار ڪان استعيفيٰ گهري رهيا آهن: مريم اورنگزيب

معيشت جو تختو پٽ ڪندڙ پنهنجي ئي آءِ ايم ايف سان ڪيل معاهدي کي بحال ٿيندي ڏسي ڇو روئي رهيا آهن؟

9 مئي تي ملڪ ۾ باهيون ڏنيون ويون، فوجي ٺڪاڻن تي حملا ڪيا ويا

شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي وئي، هاڻ معاشي مفادن تي حملن جون ڀيرتياريون ڪيون پيون وڃن

اسلام آباد (م ڊ) سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو آهي ته معاشي، بارودي سرنگهون وڇائيندڙ، ملڪ کي ڊيفالٽ ڪندڙ ۽ عوام جي مائي تي ڏاڙو هڻندڙ پرڏيهي ايجنٽ اڄ اسحاق ڊار ڪان استعيفيٰ گهري رهيا آهن شاهه محمود قريشي جي بيان تي رد عمل ڏيندي سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب چيو ته معيشت جو تختو پٽ ڪندڙ پنهنجي ئي آءِ ايم ايف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: سڌ سماءَ واري وفاقي وزير مريم اورنگزيب ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

آءِ ايم ايف کي نائي واري وزير تي ڀروسو نه آهي، ڪيس فوري طور تي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي: شاهه محمود قريشي

215 ارب روپين جي وڌيڪ ٽيڪسز جي خبر قوم کي ٻڌائي وئي آهي

آءِ ايم ايف روينيو ٽارگيٽ مان مطمئن نه آهي. جيڪي ڳالهيون ڪيون پيون وڃن اهي حقيقت تي ٻڌل نه آهن

وقتي طور تي ماڻهن جو منهن بند ڪيو پيو وڃي پر هي حقيقتن تي پردو نٿا وجهي سگهن

ملتان (م ڊ) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي چيو آهي ته آءِ ايم ايف کي نائي واري وزير اسحاق ڊار تي ڀروسو نه رهيو آهي. ڪيس فوري طور تي استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. ملتان ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ملتان: تحريڪ انصاف جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

آءِ ايم ايف جي دٻاءَ تي بجيٽ ۾ پيش ڪيل ٽيڪس ايمنسٽي اسڪيم واپس ورتي وئي

ايمنسٽي اسڪيم جو مقصد ملڪ ۾ ڊالر جي ڪوٽ تي ڪنٽرول ڪرڻ هو : ذريعا

پاڻ جي وڪرو تي 3 روپيه في ڪلو فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي لاڳو آهي

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي دٻاءَ تي بجيٽ ۾ پيش ڪيل ٽيڪس ايمنسٽي اسڪيم واپس ورتي وئي آهي، ذريعن موجب پرڏيهه مان هڪ لک ڊالر اماڻڻ تي آمدني جا ذريعا ظاهر نه ڪرڻ جي ڇوٽ ڏني وئي هئي، ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پارليامينٽ جا ميمبر پنهنجي خرچ تي حج جا فرض ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن: خواجه آصف

وزيرن جي اڳيان پٺيان پوليس جون گاڏيون هجن ته ماڻهو گاريون ڏيندا آهن؟

ايتروئي ڊپ آهي ته سياست ڇڏي ڏيو، ٻئي صورت ۾ ذاتي گارڊ رکي ڇڏيو

بجيٽ جو مرحلو مڪمل ٿي چڪو آهي، هاڻ آءِ ايم ايف سان معاهدي جو مرحلو به مڪمل ٿي ويندو

اسلام آباد: دفاع وارو وفاقي وزير خواجه آصف قومي اسيمبلي جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) دفاع واري وزير خواجه آصف چيو آهي ته پارليامينٽ جا ميمبر پنهنجي خرچ تي حج جا فرض ادا ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. خصوصي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ کاتي
ڪارروائي ڪندي ڪيترائي غير
قانوني بس اڏا ختم ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پنجاب جي ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن پ پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي

بلاول ڀٽو سان ملاقات ڪندڙن ۾ راولپنڊي، اٽڪ، سيالڪوٽ، خوشاب، جهلم ۽ ڏکڻ پنجاب جا اڳواڻ شامل

اسلام آباد (م ڊ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪان پوءِ پنجاب جي ڪيترن ئي سياسي اڳواڻن پ پ ۾ شموليت جو اعلان ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ: ساوند سنڌراڻي تڪرار ڀيهر ڀڙڪي پيو، فائرنگ، نوجوان قتل

ساوند سنڌراڻي تڪرار ڀيهر ڀُڙڪي پيو، ڌرين جي طرفان هڪ ٻئي تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي

گوليون لڳڻ سبب زخمي ٿيندڙ نوجوان رحمت سنڌراڻي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ڌرين ۾ وقفي وقفي سان فائرنگ جو سلسلو هلندڙ، علائقي ۾ سخت ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ ساوند سنڌراڻي تڪرار ڀيهر ڀڙڪي پيو، فائرنگ، نوجوان قتل ٿي ويو. ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ ساوند سنڌراڻي تڪرار ڀيهر ڀُڙڪي پيو، ڌرين جي طرفان هڪ ٻئي تي جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

بلوچستان ڪابينا صوبي جي سمورن هاءِ ويز تان سيڪيورٽي چوڪيون هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو جي سربراهيءَ ۾ ڪابينا جي اجلاس دوران فيصلي جي منظوري ڏني وئي

ڪابينا پاران سمورن وفاقي توڙي صوبائي ادارن کي هاءِ ويز تان چوڪيون هٽائڻ جي هدايت ڪئي وئي

چوڪين تي بسن ۽ گاڏين ۾ سوار عورتن، ٻارن، مريضن ۽ پيرسن ماڻهن کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ روڪيو وڃي ٿو : بحث دوران اظهار

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان ڪابينا صوبي جي سمورن هاءِ ويز تان سيڪيورٽي چوڪيون هٽائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو جي سربراهيءَ ۾ ڪابينا جي اجلاس دوران فيصلي جي منظوري ڏني وئي. ڪابينا پاران سمورن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صدر ڊاڪٽر عارف علوي حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو

سينيٽ چيئرمين صادق سنجراڻي وقتي صدر جون ذميواريون سنڀالي ورتيون

ڪابينا ڊويزن قائم مقام صدر جو عهدو سنڀالڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) ملڪ جو صدر ڊاڪٽر عارف علوي حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب روانو ٿي ويو، صدر جي غير موجودگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪوئيٽا: وزيراعليٰ بلوچستان مير عبدالقدوس بزنجو جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

پرويز الاهي عدالت مان ضمانت منظور ٿيڻ باوجود آزاد نه ٿي سگهيو

ڪيمپ جيل ٻاهران موجود پوليس جي نفري ۽ بڪتربند گاڏي به واپس رواني ٿي وئي

اسپيشل ڪورٽ سينٽرل گڏريل ڏينهن 10 هزار روپين جي مچلڪن عيوض پرويز الاهي جي ضمانت منظور ڪئي هئي

وفاقي جاچ اداري پرويز الاهي کي جيل مان آزاد ٿيڻ ڪان پوءِ ڀيهر گرفتار ڪري ورتو هو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) مني لانڊرنگ ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي صدر ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي ضمانت منظور ٿيڻ باوجود آزاد نه ٿي سگهيو ذريعن موجب ڪيمپ جيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: پنجاب جو اڳوڻو وڏو وزير پرويز الاهي ڪورٽ ۾ پيشي دوران صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ضمير عباسي جي
گرفتاري جي خبرن ۾ ڪا
به صداقت ناهي: ترجمان

ڪراچي (رپورٽر) سوشل ميڊيا تي سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ بورڊ ضمير عباس جي گرفتاري جي حوالي سان هلندڙ خبرن ۾ ڪا به سچائي ناهي، اهو سراسر ڪوڙ آهي، جنيد بجائي نالي شخص پنهنجو ڪم نه ٿيڻ تي انتقام وٺڻ لاءِ سوشل ميڊيا تي سيڪريٽري لوڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

پ پ عام چونڊن جي تياري شروع ڪري ڇڏي، ٽڪيٽ جي اميدوارن لاءِ بورڊ قائم

بورڊ ۾ پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪٽو ڪميٽي، فيڊرل ڪرنسل ۽ صوبائي ڪائونسل جا ميمبر شامل آهن : نيئر بخاري

بورڊ ۾ ضلعي تنظيم، پيپلزيوٿ ۽ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن (پي ايس ايف) جا ضلعي صدر به شامل آهن

بورڊ ۾ عورت ونگ، اقليتي ونگ ۽ ليبر ونگ جي ضلعي صدرن کي به رکيو ويو آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي عام چونڊن ۾ پارٽي ٽڪيٽ جي اميدوارن جي حتمي فيصلي لاءِ بورڊ قائم ڪري ڇڏيو آهي، پ پ جي سيڪريٽري جنرل نيئر بخاري چيو آهي ته پ پ ضلعي تنظيمن تي ٻڌل بورڊ قائم ڪيو آهي. بورڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري جو يمن سوشل فنڊ ڊولپمينٽ جي وفد سان گڏ گروپ فوٽو

شرجيل ميمڻ شهيد بينظير آباد ۾ بس
حادثي جو نوٽيس ورتو، انساني جانين جي
ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ شهيد بينظير آباد ۾ بس حادثي جو نوٽيس وٺندي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي. شهيد بينظير آباد ويجهو بس حادثي تي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فيصل آباد: 30 ڪيسن ۾ گهربل انساني اسمگلر گرفتار

انساني اسمگلر طاهر نديم خلاف ايف آءِ اي فيصل آباد سرڪل ۾ 14 ڪيس داخل ڪيا ويا

جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن ۾ فراڊ جا 16 ڪيس داخل آهن : ترجمان ايف آءِ اي

فيصل آباد (م ڊ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) فيصل آباد مان 30 ڪيسن ۾ گهربل انساني اسمگلر کي گرفتار ڪري ورتو آهي، ايف آءِ اي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

عيدالاضحيٰ جي انتظامن بابت ميئر ڪراچي اهم هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

شهر جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن : ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب

قرباني جي جانورن جون غلاظتون ترت ٺڪاڻي لڳائي شهر ۾ اسپري کي يقيني بڻايو وڃي

ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهر جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن. عيد جي ٽن ڏهاڙن دوران قرباني جي جانورن جون غلاظتون ترت ٺڪاڻي لڳائي شهر ۾ اسپري کي يقيني بڻايو وڃي. ڪراچي جي ميئر بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جي صدارت هيٺ شهر ۾ عيدالاضحيٰ جي انتظامن بابت اجلاس ٿيو اجلاس ۾ ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان مراد، ايم ڊي سولڊ ويسٽ امتياز علي شاهه، سمورن ٽائونز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

"پي ٽي آءِ چيئرمين سان اهو ٿيندو جو ماڻهو ضياءَ دور وساري ويهندا" حامد مير

عيد ڪانپوءِ جيڪو ٿيندو اهو حيران ڪندڙ هوندو، فوجي عدالتون ۽ گرفتاريون ته ان جي سامهون ڪجھ ناهن

جيڪڏهن آگسٽ ۾ اسيمبلي جو مدو ختم ٿي وڃي ۽ مرڪز ۾ نگران حڪومت اچي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان جي سينيئر صحافين مان هڪ حامد مير هڪ ٽي ڏينهن آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو جي مسلم ليگ ن جي حمايت ۾ ڏنل بيان تي تبصرو ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته هنن شايد ڪنهن کي اشارو ڏنو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ٻه پاڳي ٿي اڪثريت حاصل ڪرڻ باوجود اتحادي حڪومت ٺاهينداسين: احسن اقبال

نيون چونڊون آڪٽوبر، نومبر ۾ ٿينديون، نواز شريف جلد پاڪستان ايندو

2017ع ۾ سازش ذريعي نااهل ڪيو ويو، سازشي ڪردار به هڪ هڪ ڪري سامهون اچي رهيا آهن

هڪ سال ڪان پي ٽي آءِ چيئرمين ملڪي معيشت جي زخمن تي مرهم رکي رهيو آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير احسن اقبال جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن ن ليگ کي چونڊن ۾ ٻه پاڳي ٿي اڪثريت ملي ته به اتحادي حڪومت ٺاهيندي. ايم اين اي وحيد اڪرم جي والد جي ورسي جي تقريب ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته نيون چونڊون آڪٽوبر، نومبر ۾ ٿينديون. هن چيو ته نوازشريف جلد پاڪستان ايندو. ڪيس 2017ع ۾ سازش ذريعي نااهل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لاهور ۾ ايشيا جي سڀ ڪان وڏي آفيم جي فيڪٽري ڀيهر کولڻ جو فيصلو

فيڪٽري جا انتظامي معاملا ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن وٽ هوندا

ايڪسائيز ٽيڪسيشن جو آفيسر فيڪٽري جي مينيجر طور هلائيندو

لاهور (م ڊ) نگران پنجاب حڪومت لاهور ۾ ايشيا جي سڀ ڪان وڏي آفيم جي فيڪٽري ڀيهر کولڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ايڪسائز اينڊ ٽيڪسيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

منشيات جي خاتمي لاءِ سيني اسٽيڪ هولڊرز کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: مڪيش ڪمار چاولا

جيڪي آفيسر ۽ عملو پنهنجا فرض سرانجام ڏين ٿا اهي هر کاتي جو فخر آهن

گڏريل ڪيترن ئي سالن ڪان نه رڳو 100 سيڪڙو ڪان وڌيڪ ٽيڪس هدف حاصل ڪيو آهي

صوبي ۾ منشيات فروشن خلاف ڀرپور ڪارروائي ڪئي آهي: ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول وارو صوبائي وزير

ڪراچي (رپورٽر) ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو آهي ته جيڪي آفيسر ۽ عملو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول واري صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا تقريب ۾ شريڪ آهي

ڪراچي ۾ مئل حالت ۾ اسپتال آندل ٽڪ ٽاڪر جي سس جو بيان اچي ويو

ننهن رات سالگرهه جي دعوت جو ٻڌائي هلي وئي هئي، ان ڪانپوءِ ڇا ٿيو، خبر ناهي : سس

وڊيو ۾ نظر ايندڙ مرد ۽ عورت کي نٿي سڃاڻان، 2 سال اڳ منهنجي پٽ جي شادي ٿي هئي

ڪراچي (م ڊ) ڪراچي ۾ مئل حالت ۾ اسپتال آندل ٽڪ ٽاڪر جي سس جو بيان اچي ويو ڪراچي جي جناح اسپتال ۾ مئل حالت ۾ آندل ٽڪ ٽاڪر عائشه جي سس جو چوڻ آهي ته ننهن رات سالگرهه جي دعوت جو ٻڌائي هلي وئي هئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

جيڪب آباد ۾ رينجرز جي ڪارروائي، 12 ڪلو چرس هٿ، جوابدار گرفتار

منشيات فروش حافظ علي شاهه چرس ڊيرا الهيار ڪان جيڪب آباد کڻي وڃي رهيو هو

رينجر ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي ، مسافر وين مان 12 ڪلو چرس هٿ ڪري ورتي

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ رينجرز منشيات جي اسمگلنگ ناڪام بڻائي ڇڏي 12 ڪلو چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار گرفتار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

قرباني جا ٻڪرا چوري ڪندڙن جي موٽر سائيڪل ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، 2 ڄڻا فوت

واقعو ڪوٽ ادو ويجهو سلطاني ڪالوني ۾ پيش آيو

حادثي دوران هڪ چور ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته سندس ٻيو ساٿي سخت زخمي ٿي پيو

لاهور (م ڊ) ڏکڻ پنجاب جي شهر ڪوٽ ادو ۾ ٻڪرا چوري ڪري فرار ٿيندڙ چورن جي موٽر سائيڪل ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي چور فوت ٿي ويا. پوليس موجب اهو واقعو ڪوٽ ادو ويجهو سلطاني ڪالوني ۾ پيش/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

زلفي بخاري ۽ شهزاد اڪبر جو نيب جاچ ۾ شموليت ڪان انڪار

برطانوي شهري آهيون، اسان تي پاڪستان جو قانون لاڳو نٿو ٿئي : ذلفي بخاري

پاڪستاني سفارتخاني ۾ وڊيو لنڪ ذريعي جاچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار آهيان : شهزاد اڪبر

لاهور (م ڊ) برطانوي شهري آهيون، اسان تي پاڪستان جو قانون لاڳو نٿو ٿئي. ناماري صحافي گوهر بٽ جو چوڻ آهي ته احتساب بيورو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پريا ڪماري بازياب نه ٿي، عوامي تحريڪ جو احتجاج، مظاهرو

ذوالفقار ميراڻي، سرواڻ جتوئي، سرويچ سنڌي، عمر انصاري، حنا بلوچ ۽ سجاڳ ٻار تحريڪ سکر جي زين جتوئي ۽ ٻين ريلي ڪيدي

گڏريل 2 سالن ڪان اغوا ٿيل 7 ورهين جي ٻارڙي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ قانوني ادارن طرفان ڪا به ڪوشش ناهي ڪئي وئي : اڳواڻ

ڪنڌڪوٽ مان 3 ٻارڙا اغوا ٿي ويا آهن، ٿل جي فضيلا سرڪي اڃا تائين بازياب نه ٿي سگهي آهي

سکر (رپورٽر) مهينا اڳ سکر جي علائقي سنگرار مان 7 ورهين جي ٻارڙي پريا ڪماري جي اغوا خلاف عوامي تحريڪ سکر جي اڳواڻن ذوالفقار ميراڻي، سرواڻ جتوئي، سرويچ سنڌي، عمر انصاري، حنا بلوچ ۽ سجاڳ ٻار تحريڪ سکر جي زين جتوئي، سنڌياڻي بلوچ، بينظير بلوچ، عذير سومرو، حسنين، ذوالقرنين ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گلوب چوڪ ڪان پريس ڪلب تائين احتجاجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

شيخ ٻرڪيو: راول شرجيل اي ايس پي عليته راڄپر نشاءَ ڪولهي جي وارثن سان تعزيت ڪندي

راول شرجيل اي ايس پي عليته راڄپر ٻاران
مبينا زيادتي بعد قتل ٿيل معصوم نينگري
نشاءَ ڪولهي جي وارثن وٽ پهچي تعزيت

شيخ ٻرڪيو (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ جي خصوصي هدايتن تي شيخ ٻرڪيو ويجهو پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ راول شرجيل انعام ميمڻ ۽ اي ايس پي عليته راڄپر مبينا زيادتي بعد قتل ٿيل معصوم نينگري نشاءَ ڪولهي جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ۽ افسوس جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

هٽ جي هنر جي نمائش ”هنر“ جو پورٽ گرانڊ ڪراچي ۾ افتتاح، ساڃاهه وند شريڪ

ڪراچي ۾ ٻن ڏينهن واري دستڪاري نمائش جو افتتاح ڊائريڪٽر جنرل ثقافت ڪيو

لاڳاپيل ماڻهن جي ڪم کي نين مارڪيٽن تائين آڻڻ ۾ آساني ۽ سهولتون پيدا ڪرڻ آهي: منور علي مهيسر

هنر نمائش جو اهتمام هنرمندن ۽ خريدارن جي دلچسپي لي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي، سهولتون فراهم ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) هٽ جي هنر جي نمائش ”هنر“ جو پورٽ گرانڊ ڪراچي ۾ افتتاح ڪراچي ۾ ٻن ڏينهن واري دستڪاري نمائش جو افتتاح ڊائريڪٽر جنرل ثقافت سنڌ منور علي مهيسر ڪيوان موقعي تي جاپان جي قونصل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: ثقافت کاتي پاران لڳايل هٽ جي هنر جي نمائش جو ڏيک

پراڻي سکر جي نمائش چوڪ
واري علائقي جي رهواسين
سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج

سکر (رپورٽر) پراڻي سکر جي نمائش چوڪ واري علائقي جي رهواسين سعيد احمد ميراڻي، صاحب خاتون، شريفان ۽ ٻين سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو آهي ته گذريل رات سي سيڪشن پوليس جي وڏي نفري اسان جي گهر تي چڙهائي ڪري اسان جي نوجوان حبيب الله ميراڻي کي ناحق گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ تي قيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽي ۾ پورهيت کي زخمي ڪندڙ جوابدارن تي ڪيس داخل، پوليس پاران ڇاپا

ڳوٺ صحبت خان خشڪ جي رهواسي پورهيت گل حسن ملاح کي زخمي ڪرڻ جو ڪيس داخل

پوليس تحرڪ وٺندي ڪيترن ئي شڪي ڌوهارين کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو

ٺٽو (ڊ ر) 2 راتيون اڳ ٽن نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿان ور شهر جي ڳوٺ صحبت خان خشڪ جي رهواسي پورهيت گل حسن ملاح جي گهر ۾ گهڙي سڌيون گوليون هلائي محمد موسي ولد حسين ملاح کي موقعي تي قتل ڪرڻ سميت 3 ڄڻن گل حسن ملاح ۽ سندس ٻن پٽن نظير ملاح ۽ شبير ملاح کي گوليون هڻي سخت زخمي ڪندڙ 3 نامعلوم هٿياربند ڦورو جوابدارن خلاف ميرپور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ميرپور ماٿيلو پرسان ڳوٺ خدا بخش مهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 5 زخمي

مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو، لٺين ۽ ڪهاڙين جو استعمال ڪيو ويو

احمد مهر ۽ محمد مهر جا هٿياربندن ساڻ ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: هڪ ڌر

جهيڙي دوران محمد اسلم مهر واري ڌر جا پنج ڄڻا پير بخش علم الدن جلال الدين شمس الدين ۽ دلاور مهر

عادلپور (اسلم مهر) عادلپور لڳ ڳوٺ خدا بخش مهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو، ٻنهي ڌرين جا ڏهه ڄڻا رتورت زخمي اسپتال منتقل خبر موجب عادلپور ٿاڻي جي حد ڳوٺ خدا بخش مهر ۾ زمين جي مالڪي تان مهر برادري جي ٻن ڌرين محمد اسلم مهر ۽ محرم مهر وارن ۾ جهيڙو ٿي پيو ان موقعي تي ٻنهي ڌرين جي ماڻهن هڪٻئي تي لٺين سروٽن ڪهاڙين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

عادلپور: ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي ٿيل اسپتال ۾ داخل آهن

ٽنڊو باگو جي پاڳ برادري جي
عورتن سان ٽنڊو باگو ۾ مارڪيٽ
۾ تشدد، احتجاجي مظاهرو

بدين (رپورٽر) ٽنڊو باگو جي پاڳ برادري جي عورتن سان ٽنڊو باگو ۾ مارڪيٽ ۾ تشدد، 9 مهينن کان خاصخيلي گهرن تي قبضو ڪري ويهي رهيا آهن اسان دربدر ٿي ويا آهيون، فيض محمد پاڳ جي سندس گهر جي عورتن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب بدين تي پريس ڪانفرنس، تفصيل موجب ٽنڊو باگو جي رهواسين فيض محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ميونسپل ڪاميٽي دادو جي وائيس چيئرمين پاران شهري سان گڏ واپڊا عملدارن جي گڏجاڻي

شهر ۾ وڌندڙ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ، ٽرپنگ، خراب ٽرانسفارمر جي مرمت، ڊڊڪشن بلن تي ڳالهيون

سيپڪو جي انجنيئر عبدالعزيز پنهور ۽ سندس سيپڪو عملي سان پ پ پ سٽي صدر خالد حسين ميراڻي شريڪ

شهرين کي تڪليف آهي ۽ انهن جون شڪايتون جائز آهن عيد جا 3 ڏينهن لوڊشيڊنگ نه ڪئي ويندي: خالد حسين ميراڻي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ميونسپل ڪاميٽي دادو جي وائيس چيئرمين خالد حسين ميراڻي جو شهري سان گڏ واپڊا اڳواڻن سان بجلي بندش بابت اهم گڏجاڻي تفصيل موجب؛ دادو شهر ۾ وڌندڙ غير اعلانيل لوڊشيڊنگ، ٽرپنگ، خراب ٽرانسفارمر جي مرمت، ڊڊڪشن بل، غلط ريڊنگ شهر ۾ ايڊيشنل ٽرانسفارمر لڳائڻ لوڊشيڊنگ جو ٽائيم ٽيبل سميت سيپڪو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

اسلام ڪوٽ مال پڙي گذريل ڪيترن ئي سالن ڪرپشن جو گڙهه بڻيل

ٽي ڏينهن هلندڙ مال پڙي رڪارڊ ۾ صرف ٻه ڏينهن ڄاڻايل، مال پڙي تان ٽينڊر وصولي هڙپ

ٺيڪو غير مقامي ٺيڪيدارن حوالي، مقامي ٺيڪيدارن سميت ڳوٺاڻا ۽ واپاري سراپا احتجاج بڻيل

رات جي وقت اسلام ڪوٽ جي مختلف محلن ۽ ڳوٺن مان چوري ٿيل چوپايو مال پڻ آساني وڪرو ٿي وڃي ٿو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ مال پڙي گذريل ڪيترن ئي سالن ڪرپشن جو گڙهه بڻيل، هفتي ۾ ٽي ڏينهن هلندڙ مال پڙي رڪارڊ ۾ صرف ٻه ڏينهن ڄاڻايل، مال پڙي تان ٽينڊر وصولي هڙپ، ٻن سالن کان لاڳاپيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

اسلام ڪوٽ: عيد سبب لڳايل مال پڙي جو ڏيک

ڪوٽڙي ٿاڻي جي حد پناهه
ڪالوني واري علائقي ۾ ڪنيل
نوجوان جي وارثن جو احتجاج

ڪوٽڙي (رپورٽر) ڪوٽڙي جامشورو ۾ ڪوٽڙي ٿاڻي جي حد پناهه ڪالوني واري علائقي ۾ 17 جون تي پوليس نوجوان 9 ڪلاس جو شاگرد علي حيدر پناهه کي ڪنيي گم ڪري ڇڏيو سندس جيجل امڙ ۽ پوڙهو پيءُ سندس پٽ جي بازيابي لاءِ ڪوٽڙي ٿاڻي جي چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهن پر سندن ٻچڙي جو پتو نه پئجي سگهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نئون ڪوٽ پرسان سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ شاعر راضي شاهه لڪياري جو عرس

صوفي بزرگ شاعر راضي شاهه لڪياري جو 179 هين عرس مبارڪ جون تياريون شروع ٿيون

سنڌ صوفين جي سرزمين آهي ۽ درگاهن تي امن جو درس ملي ٿو: گادي نشين سيد سجاد حسين شاهه

صوفي راڳ جي محفل پڻ سجائي وئي آهي جنهن ۾ مقامي راڳين سميت ٻيا راڳي محفل موسيقيءَ ۾ حصو وٺندا

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان سنڌ جي عظيم صوفي بزرگ شاعر راضي شاهه لڪياري جو 179 هين عرس مبارڪ جون تياريون شروع. اڄ راضي شاهه لڪياري جي مزار تي چادر چاڙهي ميلي جي افتتاح ڪيو ويندو. ان ڏس ۾ درگاهه راضي شاهه لڪياري جي گادي نشين سيد سجاد حسين شاهه ٻڌايو ته سنڌ صوفين جي سرزمين آهي ۽ درگاهن تي امن جو درس ملي ٿو مهراڻي جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

شهدادڪوٽ ۾ مبينا طور غلط پلاننگ سان تعمير ٿيندڙ نالن تي شهري پريشاني جو شڪار

فريال ٽالپر پاران شهرين کي ڊرينيج لاءِ ڏنل نالا به ان وقت غلط پلاننگ سان تعمير ڪرايا ويا هئا

چوڪ کان ويندي بگي روڊ تي قائم مين ڊسپوزل ۽ دوست علي روڊ سان وهندڙ سم شاخ ۾ ڇوڙ ٿيل آهي

اسڪيم ذريعي نالي جي ري ماڊلنگ جو ڪم ته شروع ڪرايو ويو آهي جيڪو به غلط پلاننگ سان هلي رهيو آهي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) مبينا طور غلط پلاننگ سان تعمير ٿيندڙ نالن تي شهري پريشاني جو شڪار، ٿهيل نالا پچي ان ئي جڳهه تي نالن جي تعمير جو ڪم جاري، شهرين ۾ ڳڻتي قومي نالو ضايع ٿيڻ جو امڪان، شهدادڪوٽ ۾ پيپلز پارٽي جي 2008ع جي دور حڪومت ۾ ان وقت جي ايم اين اي فريال ٽالپر پاران شهرين کي ڊرينيج لاءِ ڏنل نالا به ان وقت غلط پلاننگ سان تعمير/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ: غلط پلاننگ سان تيار ٿيندڙ ڊرينيج سسٽم جو ڏيک

نون شاگردن کي آن لائين داخلا
۽ ضروري معلومات فراهم
ڪئي ويندي: حسن رند

جوهي جمالي (رپورٽر) علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي ريجنل ڊائريڪٽر حسن رند چيو آهي ته علامه اقبال اوپن يونيورسٽي سڄي ملڪ ۾ AIOU Swift سينٽر قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي سوئفٽ سينٽرن ۾ موجود ۽ نون شاگردن کي آنلائين داخلا ۽ ضروري معلومات فراهم ڪئي ويندي، سوئفٽ سينٽر باضابطه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪنڊيارو شهر ۾ گئس جي هتراڌو لوڊشيڊنگ جو آزار وڌي ويو، شهري گئس جي سهولت کان محروم

اڪثر علائقن ۾ گئس جو پريشر پڻ گهٽجي ويو جنهن سبب شهري گئس جي سهولت کان محروم بنجي ويا

ڪنڊيارو شهر ۾ گئس جي سهولت نالي ماتر بنجي وئي، مختلف پوائنٽن تي عملو هٿ سان گئس بند ڪري ڇڏي ٿو

سب زونل گئس انچارج خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪري هتراڌو گئس بند ڪرڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي: شهري اڳواڻ

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر ۾ گئس جي هتراڌو لوڊشيڊنگ جو آزار وڌي ويو شهر جي اڪثر علائقن ۾ گئس جو پريشر پڻ گهٽجي ويو جنهن سبب شهري گئس جي سهولت کان محروم بنجي ويا شهرين امتياز علي پرويز احمد ثناء الله ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڪنڊيارو شهر ۾ گئس جي سهولت نالي ماتر بنجي وئي آهي شهر سميت مختلف پوائنٽن تي گئس عملو هٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نجي ٽارچر سيل هلائيندڙ ايس ايڇ او ڪيس داخل ٿيڻ بعد به ٿاڻو هلائڻ لڳو

ڇهه اهلڪارن تي ريڊ ڪمشنر مقرر ٿيل امان الله ملڪ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ٿيو

ڏيتي ليتيءَ لاءِ کين هٿ ڪڙيون ۽ زنجيرون هڻي نجي جاءِ تي بند ڪري ڇڏيو هو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نجي ٽارچر سيل هلائيندڙ ايس ايڇ او راجا نويد سرفراز قريشي عدالتي حڪم تي ڪيس داخل ٿيڻ بعد به نوشهرو ٿاڻو هلائڻ لڳو عدالتي حڪم تي ايس ايڇ او سميت ڇهه اهلڪارن تي ريڊ ڪمشنر مقرر ٿيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي پل جو ڪم ڪندڙ ڪمپني جا اغوا ڪيل 3 ملازمن جي وڊيو وائرل

ملازمن مظهر، شفيق، جمشيد جيڪي هڪ مهينو اڳ منتقلي نه ڏيڻ تي ڌاڙيلن اغوا ڪيو ويو

اغوا ٿيل ڪمپني جي انتظاميا، پوليس انتظاميا کي بازيابي لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن: ذريعا

غوثپور (رپورٽ: عبدالنبي ملڪ) غوثپور، هڪ مهينو اڳ اٽجانال هٿياربندن ڌراني مهر جي ڪچي واري علائقي پرسان ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

غوثپور: هڪ مهينو اڳ اغوا ٿي ويلن ٽن ڄڻن جي ڌاڙيلن ويڊيو جاري ڪري ڇڏي

ٺٽي ۾ عبدالضحي ويجهو ايندي ئي چورن رڻ ٻاري ڏنو، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

نيويگيٽر اسڪول لڳ شاهه پٽائي فرٽيلائيزر جي مالڪ ڪيلرام نريش ڪمار کان ڦرلٽ ٿي

ڏاپيجي کان ڳوٺ آچار سالار جو ڪيو ڏانهن ويندڙ رڪشا ڊرائيور الطاف سالار جو ڪيو کان ڦرلٽ

ٺٽو (ڊ ر) عبدالضحي ويجهو ايندي ئي چورن رڻ ٻاري ڏنو، پوليس خاموش تماشائي بڻيل. ٺٽي شهر جي نيويگيٽر اسڪول لڳ شاهه پٽائي فرٽيلائيزر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز جو بهترين بيڊمنٽن رانديگر سيد ارشاد علي شاهه لاڏاڻو ڪري ويو

مشهوري مائينڊڙ سيد ارشاد علي شاهه ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو

مرحوم جي جنازي (اڄ) ادا ڪئي ويندي ۽ تدفين درگاهه سيد ناگو شاهه ۾ ڪئي ويندي

نوشهرو فيروز (ڊ ر) نوشهرو فيروز جو بهترين بيڊمنٽن رانديگر ۽ جواني ۾ ڪرڪيٽ فاسٽ باالر طور مشهوري مائينڊڙ سيد ارشاد علي شاهه ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو هو ڪجهه وقت کان بيمار هو سندس رفات تي، سندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

درياخان مري پرسان منگياري موري ويجهو مهراڻ هائي وي تي پوليس پاران ڪارروائي

پوليس وڏي ڪاروائي ڪري وڏي مقدار ۾ چرس هٿ ڪري، 2 جوابدار گرفتار ڪيا آهن

ايس ايڇ او ابڙان رفيق پوهيو جي اڳواڻي ۾ مهراڻ هاء وي تي مزدا کي روڪي تلاشي ورتي

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) درياخان مري پرسان منگياري موري ويجهو مهراڻ هائي وي تي پوليس وڏي ڪاروائي ڪري وڏي مقدار ۾ چرس هٿ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نوشهروفيروز: پوليس پاران گرفتار ڪيل 2 منشيات فروش

سنڌ ڪلچرل فورم سنڌ جي باني ۽ چيئرمين صادق لاکو جي 49 هين سالگرهه

گيسٽ هائوس مڪلي ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

تقريب ۾ چيئرمن سنڌي لينگوج اٿارٽي سنڌ محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر افضل آرائين شريڪ

ٺٽو (رپوٽ: جاويد لطيف ميمڻ) سنڌ ڪلچرل فورم سنڌ جي باني ۽ چيئرمين صادق لاکو جي 49 هين جنم ڏهاڙي جي هڪ تقريب وي ڪيسٽ گيسٽ هائوس مڪلي ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ جنم ڏينهن جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو، جڏهن ته تقريب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ تعليم کاتي جي عملدارن جي نااهلي جو ڪليو مثال سامهون اچي ويو

شهر ۾ هڪ سياسي ڌر جي بااثر ماڻهن جون خانگي گاڏيون بيٺل هونديون آهن

خراب ٿيل گاڏين کي به سرڪاري عمارت جي احاطي ۾ بيهارڻ جي گئريج بڻايو ويو

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ تعليم کاتي جي عملدارن جي نااهلي جو ڪليو مثال سامهون اچي ويو دادو جي تعليم کاتي ۾ ايس ڊي او پرائمري جي آفيس ۾ جنهن کي ڊي اي او پرائمري آفيس طور به سڏيو ويندو آهي ان آفيس ۾ جي اندر سالن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو: ايس ڊي او پرائمري جي آفيس ۾ بااثرن پاران بيهاريل گاڏيون ۽ رکيل سامان جو ڏيک

سمندر ۾ پاڻي ڇوڙ ڪندڙ سم نالي ايل بي او ڊي ۾ انڊس ڊولفن مڇي ظاهر

چار (آنڌي ٻلهڻ) انڊس ڊولفن ڏسڻ ۾ آيون آهن: آهن ڳوٺ چنو ملاح جا رهواسي

ايل بي او ڊي جي ڪاري ۽ زهريلي پاڻي مان هٿ ڪري کين فوري طور سنڌو درياءَ ۾ ڇڏيو وڃي

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) سمندر ۾ پاڻي ڇوڙ ڪندڙ سم نالي ايل بي او ڊي ۾ انڊس ڊولفن مڇي ظاهر ٿي آهي خبر موجب بدين تعلقي جي ساموندي پٽي جي ٽنڊڙي شهر ڀرسان لڳ وڪيل موري ڳوٺ چنو ملاح لڳ گذرندڙ ايل بي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور پرسان تنگواڻي لنڪ روڊ واري علائقي جمال ٿاڻي جي حد مان نوجوان اغوا

نوجوان محمد نواز پٽ پچل ملڪ لاهور کان گهر واپس ايندي پراسرار نموني گم ٿي ويو

محمد نواز ملڪ لاهور ۾ هڪ نجي ڪمپني ۾ سيڪيورٽي گارڊ طور مزدوري ڪندو هيو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان تنگواڻي لنڪ روڊ واري علائقي جمال ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ ولي محمد ملڪ جو رهواسي 25 ورهين جو نوجوان محمد نواز پٽ پچل ملڪ لاهور کان گهر واپس ايندي پراسرار نموني گم ٿي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو جي صحافي محرم شينو جي گهر تي هٿياربند چڙهائي، ياتين تي تشدد

هٿياربند داخل ٿي محرم شينو ۽ سندس گهرواري کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي فرار ٿي ويا

صحافي جي گهر تي حملي واري عمل خلاف دادو پريس ڪلب جو هنگامي اجلاس منعقد ڪيو ويو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو جي نوجوان صحافي ۽ دادو پريس ڪلب جي ميمبر محرم علي شينو جي گهر ۾ رات جي وقت هٿياربند داخل ٿي صحافي محرم شينو ۽ سندس گهرواري کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا زخمي صحافي محرم شينو ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ زير علاج آهي صحافي تي حملي واري عمل خلاف دادو پريس ڪلب جو هنگامي اجلاس پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سينئر صحافين غوث علي جهتيال، گلڻ پنڊ، سرور جلال سولنگي، سينئر نائب صدر شهزاد چانڊيو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ادل مهيسر، آزاد بلوچ، ارباب رستماڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي حڪومت سنڌ ۽ انچارج ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ رضا ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو: صحافي محرم شينو جو فائيل فوٽو

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي قومي خدمت لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي: امير آزاد پنهور

ڪراچي ۾ سياست سان گڏ تنظيم کي مضبوط ڪرڻ گهرجي، عوام سان گڏ آهيون

ڪراچي ۾ ميئر آٽي جشن تي ملهائي اسان چئون ٿا ته 15 سالن کان پ پ جي حڪومت آهي

زين شاهه ۽ جلال محمود شاهه جي اڳواڻي ۾ سنڌي قوم جي خدمت لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ضلع اولهه پاران جنرل ورڪر اجلاس ۾ مرڪزي اڳواڻن سميت ڪراچي ڊويزن جي عهديدارن سميت ضلعي اڳواڻن ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪيو. ان موقعي تي مرڪزي نائب صدر امير آزاد پنهور،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: ايس يو پي جي ڪونايل گڏجاڻي ۾ اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

جي يو آءِ سٽي سکر پاران سکر جي
مهراڻ ڪلچرل هال ۾ ورڪرز
ڪنوينشن ڪوٺائي وئي

سکر (رپورٽر) جي يو آءِ سٽي سکر پاران سکر جي مهراڻ ڪلچرل هال ۾ ورڪرز ڪنوينشن ڪوٺائي وئي جنهن ۾ جي يو آءِ جي اڳواڻن تورڙي عهديدارن ڪارڪنن سميت وڏي انگ ۾ پڻ شريڪ ٿيا، ورڪرز ڪنوينشن ۾ مهمان خاص جي يو آءِ جي مرڪزي نائب امير، مولانا عبدالقيوم هاليجوي، مولانا عبدالله پهوڙ، انجنيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

صوبائي وزير اطلاعات جي هدايتن تي راول شرجيل مقتول نينگري جي گهر پهتو

راول شرجيل انعام ۽ اي ايس پي علينه راڄپر نشاء ڪولهي جي وارثن سان تعزيت ڪئي

واقعو انتهائي افسوسناڪ آهي جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏياري وڃي: راول شرجيل

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) اطلاعات و نشريات ۽ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي هدايت تي سندس موهيي پٽ راول شرجيل ميمڻ اي ايس پي علينه راڄپر ٽائون ڪميٽي ٽنڊو فضل جي چيئرمين حاجي نور احمد ٽيبو وائيس چيئرمين مير علي احمد ٽالپر يوسي 77 جي وائيس چيئرمين محمد ٽيبو سان گڏ شيخ پرڪيو ويجهو ڳوٺ ٿائر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ٻنون مائينر ۾ 6 مهينن کان وٺي پوڇڙ تائين پاڻي نه پهچڻ ڪري زميندار پريشان

ٻنون مائينر ۾ پاڻي کي پوڇڙ تائين پهچائي کين نقصان کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي

وڏو سبب لفٽ مشينون لڳائي پاڻي چوري ٿيڻ تورڙي واهه جي ڪانٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ آهي: آبادگار

نمائندن کي ٻڌائون ڏنيون اهن، پر پوڇڙ جي ابادگارن جي مسئلن ڏانهن ڪير به ڌيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي

ٺٽو (ڊ ر) ٻنون مائينر ۾ گذريل 6 مهينن کان وٺي پوڇڙ تائين پاڻي نه پهچڻ ڪري زرخيز زمينون بنجر بڻجڻ ڪري زميندارن کي مٽي تي هٿ اچي ويا، زميندارن جون ڏانهون. ٻنون مائينر ۾ پاڻي کي پوڇڙ تائين پهچائي کين نقصان کان بچائڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي. ان سلسلي ۾ ٻنون مائينر جي پوڇڙ جي ڪيترن ئي ابادگارن تورڙي زميندارن سيد اختر حسين شاهه، سائڻ ڪندرا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽو: ٻنون مائينر جا مختلف واهه پاڻي کوٽ سبب سڪل نظر اچي رهيا آهن

خيرپور ۾ بجلي ۽ سوئي گيس جي
اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ شهرين
جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپورماٿيلو گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ خدا بخش مهر ۾ مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي معاملي تان جهيڙو، لٺين ۽ ڪهاڙين جو استعمال، 5 ڄڻا سخت زخمي، اسپتال منتقل، زخمي دلاور مهر کي سکر ريفر ڪيو ويو خبر موجب گهوٽڪي ويجهو عادلپور ٿاڻي جي حد جي ڳوٺ خدا بخش مهر ۾ زمين جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي جنرل باڊي جي اجلاس تي گذريو

صحافين خلاف ٿيندڙ هر سازش کي پنهنجي اتحاد ۽ پروفيشنل صحافت ذريعي ناڪام بڻايو ويندو: اسد پناهه

ٽن ڏهاڪن جي جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ سکر پريس ڪلب جي خوبصورت عمارت تعمير ٿي ۽ صحافين جي اتحاد کي مضبوط ڪيو ويو

سمورا ميمبر آئين تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا (چوڌري محمد ارشاد گوندل) سکر پريس ڪلب ۽ اڳواڻن خلاف سازش ڪندڙن کي قانون تحت سزا ڏيارينداسين: امداد بوزدار

سکر (رپورٽ، امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پناهه چيو آهي ته سکر پريس ڪلب ۽ صحافين خلاف ٿيندڙ هر سازش کي پنهنجي اتحاد ۽ پروفيشنل صحافت ذريعي ناڪام بڻايو ويندو، صحافت جي نالي تي ادارن ۽ عوام کي بليڪ ميل ڪندڙ ناسور آهناهڙو اظهار سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو هٿ جو هنر ڪندڙ عورتن جي يونين ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي: ڪوآرڊينيٽر

گهرن ۾ هٿ جو هنر ڪندڙ عورتن جون يونينون رجسٽر ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي: عمران خان

رليون، چيهون، ٽوپيون، ڪٽون واٽيندڙ ۽ ٻيا ڪيترائي هٿ جا هنر ڪندڙ عورتن کي رجسٽرڊ ڪيو ويندو

ملي هوم بيسڊ ورڪرز يونين رجسٽر ڪرائيبون دادو ۾ هوم بيسڊ ورڪرز جي گروپن جي گڏجاڻي رکي وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو هٿ جو هنر ڪندڙ عورتن جي يونين ٺاهڻ جو فيصلو: دادو ۾ سماجي تنظيم هوم نيٽ پاڪستان پاران گهرن ۾ هٿ جو هنر ڪندڙ عورتن جون يونينون رجسٽر ڪرائڻ جو فيصلو ضلعي ايڪشن ڪاميٽي دادو جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو: سماجي تنظيم جي عورت اڳواڻ گڏجاڻي کي خطاب ڪري رهي آهي

ٻهرام لڳ گورنمينٽ پرائمري
۽ لوئر سيڪنڊري اسڪول مان
5 پڪا 2 سولر پليٽ چوري

شهدادڪوٽ (رپورٽر) ٻهرام لڳ گورنمينٽ پرائمري ۽ لوئرسيڪنڊري اسڪول درگاهه حاڪم علي شاهه جي 4 نامعلوم چورن تالا تورڙي 5 پکا 2 سولر پليٽ کولر ٿرماس سميت سامان ٻوهاري ويا ڪوچي ڪٽن ۽ ٻيرين زرعي ٻهرام پوليس ڳوٺ عبدالواحد ۾ ٻيرا هيناهڪ چڱو گرفتار چوري جو اطلاع تي اي او ۽ ڊي اي او ۽ ب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

چيئرمين ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ ۽ وائيس چيئرمين جي مان ۾ آجياڻو

پريس ڪلب جي صدر ۽ ٻين عهديدارن طرفان چيئرمين نور محمد منڊرو کي آجياڻو ڏنو

منهنجي وڏ کان وڏ ڪوشش آهي ته آئون هتان جي غريب ماڻهن جا جائز مسئلا حل ڪيا ويندا

عرفان خورشيد قائمخاني فهيم بجير ۽ پريس ڪلب نئون ڪوٽ جا صحافي دوست موجود هئا

نئون ڪوٽ (رپورٽر) چيئرمين ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ نور محمد منڊرو ۽ وائيس چيئرمين محمد عظيم چانڊيو جي آجياڻي تقريب نئون ڪوٽ پريس ڪلب تي ٿي پريس ڪلب جي صدر ۽ ٻين عهديدارن طرفان چيئرمين نور محمد منڊرو ۽ وائيس چيئرمين عظيم چانڊيو کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ۽ هار پارايا انهي موقعي تي ٽائون ڪميٽي نئون ڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

خيرپور ناٿن شاهه ماڏو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عطر چانڊيو جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

بااثر قبضه خورن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي وئي

يوسي ڇوڙ قمبر جي چيئرمين وڏيرو فرمان چانڊيو، نادر چانڊيو، عباس چانڊيو ڏمرجي پيا آهن: مظاهرين

شراڪتي گڏيل زمين هئي تي هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري زمين تي بيٺل فصل به زبردستي ڪٽي ويا آهن

دادو (عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ماڏو ٿاڻي جي حد ڳوٺ عطر چانڊيو جي رهواسين بااثر قبضه خورن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي جنهن ۾ عبدالله چانڊيو، محرم چانڊيو، منير چانڊيو چيو ته اسان مڇي جو ٺيڪو سردار ورپل چانڊيو کي ڏنو جنهن تان يوسي ڇوڙ قمبر جي چيئرمين وڏيرو فرمان چانڊيو، نادر چانڊيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: ڳوٺ عطر چانڊيو واسي پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

راڻيپور ايريگيشن عملي جو
هڪ نئون ڪارنامو: ڪوهري
شاخ تان وٽن جي وادي جاري

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور ايريگيشن عملي جو هڪ نئون ڪارنامو ايس ڊي او جو ڪاٺائو دارو ڳو شاهنواز چنو جي گذريل پندرهن سالن کان ڪوهري شاخ تي بادشاهي برقرار هڪ دفعو ٻيهر SDO جي آشرواد سان دارو ڳو ڪوهري شاخ مقرر آبادگارن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هن جي اچڻ سان ئي واٽر ڪورس سيل ڪري لڪ لڪ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ريڙهي ڳوٺ ڪراچي ۾ قتل ٿيل نور نبي جت جي ناحق خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڪراچي جي ڳوٺ ريڙهي ۾ ناحق قتل ڪيل نوجوان نور نبي جت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

سوين ماڻهن ڳاڙهو شهر ۾ پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مک چوڪ تي ڌرڻو هنيو

هڪ بااثر شخص جي اشاري تي اسان جي نوجوان نور نبي جت کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي: مظاهرين جو الزام

ڳاڙهو (رپورٽر) ريڙهي ڳوٺ ڪراچي ۾ قتل ٿيل نور نبي جت جي ناحق خون سان انصاف ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ريلي، مک چوڪ تي ڌرڻو خبر موجب ٻه هفتا اڳ ڪراچي جي ڳوٺ ريڙهي ۾ ناحق قتل ڪيل نوجوان نور نبي جت جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڪوسٽل سڄاڳ فورم جي سڏ تي جت برادريءَ پاران شاهنواز جت، ميرعلي جت، نوراحمد جت، علي محمد جت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سومر 26 جون 2023 ع

اوهان جي ڳالهه اوهان سان، ڪجي ته ڪيئن ڪجي!

سنڌ جي لڳاتار دانهن ۽ ڪوڪن باوجود پنجاب طرفان زوريءَ فلڊ ڪئنالن ذريعي پاڻي ڪڍڻ واري داداگيريءَ جو انت اڃا نه ٿي سگهيو آهي. چشما- جهلم ۽ تونسا- پنجند لنڪ ڪئنالن ذريعي پاڻي ڪٽي رهيو آهي ۽ ان تي ڪنهن اعتراض ۽ احتجاج جو ڪو اثر ئي نٿو ٿئي. هن ڀيري سنڌ طرفان سرڪاري سطح تي احتجاج سامهون آيو آهي ۽ سنڌ سرڪار گهڻي ڀڄ ڊڪ ۽ ڪشمڪش ڪانپوءِ اهو سوچيندي ته، "اوهان جي ڳالهه اوهان سان ڪجي ته ڪيئن ڪجي؟" نيٺ پنهنجي ئي پارٽيءَ جي وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه کي، جيڪو موصوف پاڻي وسيلن جو وفاقي قلمدان رکي ٿو، خط لکي سنڌ سان پاڻي معاملي تي ان انصافيءَ احتجاج ڪيو آهي. سنڌ جي آبپاشي کاتي جي صوبائي چام خان شوري، پاڻي وسيلن جي وفاقي وزير سيد خورشيد شاهه کي لکيل خط ۾ چيو آهي ته، سنڌ صوبو هن وقت 39 سيڪڙو پاڻي کوٽ کي منهن ڏئي رهيو آهي. ارسا هڪ طرف ڊيمن ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۾ رڌل آهي ته ٻئي طرف چشما- جهلم ۽ تونسا- پنجند لنڪ ڪئنالن ذريعي پاڻي ڪنيو پيو وڃي. خط ۾ اها گهر ڪئي وئي آهي ته، لنڪ ڪئنالن ذريعي پاڻيءَ جي منتقلي روڪي سنڌ کي ان جي حصي موجب پاڻي ڏياريو وڃي.

پنجاب فلڊ ڪئنالن ذريعي انڊس سسٽم مان مسلسل پاڻي ڪٽي رهيو آهي ۽ ان تي سنڌ جي اعتراضن جو ڪو به اثر نٿو ٿئي. ارسا پاڻيءَ جي ان ڌاڙيواليءَ ۾ پنجاب جي ڌر بڻيل آهي. چشما- جهلم ۽ تونسا- پنجند فلڊ ڪئنال آهن، جيڪي صرف ۽ صرف ٻوڏ دوران وهائڻا آهن پر پنجاب اهي ڪئنال ٻارهوئي وهائڻ واري هوڏ تي بيٺل آهي. پيو اهو ته جڏهن سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ هوندي آهي ته انهن ڌاڙن ۾ پنجاب منگلا ڊيم ڀرڻ شروع ڪندو آهي. رڳو ان خدشي سبب ته، متان پوءِ اهو ڀرجي نه سگهي. پوءِ ٿيندو ائين آهي ته جڏهن دريا ۾ چاڙهه هوندو آهي ته اهو پاڻي وري واپس دريا ۾ ڇوڙ ڪيو ويندو آهي. پر سنڌ ۾ کوٽ وارن ڏهاڙن ۾ پاڻي روڪي تباهيءَ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. دنيا ۾ ڊيم ڀرڻ جا به اصول هوندا آهن پر پنجاب ڪنهن به اصول، واعدن ۽ معاهدن تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. هڪ ته اهو هاڃو ڪيو ويندو آهي ۽ مٿان وري جيڪو پاڻي ڇڏيو ويندو آهي، اهو رستي ۾ ئي هيوي لفٽ مشينن ذريعي چوري ڪيو ويندو آهي. سنڌ اها گهر ڪندي رهي آهي ته ان کي گڏو تي پاڻي پهچائي ڏنو وڃي پر ائين نٿو ڪيو وڃي. پيو ته بلوچستان کي کوٽ ۾ شامل ناهي ڪيو ويو. سنڌ جي وجود ۾ پاڻي کوٽ سبب صحرا سرايت ڪندو وڃي. سنڌ جي معيشت ۽ ماحوليات تباهه ٿي وئي آهي. انڊس ڊيلٽا جي تباهي پلا ڪنهن کان لڪل آهي! ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي کي زيان ڪري قرار ڏئي ڇڏيو نٿو وڃي. پنجاب 1991 ع جي پاڻي ٺاهه تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. 1991 ع ۾ جڏهن پاڻي ٺاهه ٿيو هو ته وفاق ۾ ميان نواز شريف جي حڪومت هئي ۽ سنڌ ۾ ڄام صادق علي وڏو وزير هو. توڙي جو ڄام صادق وٽ حقيقي عوامي مينڊيٽ ڪو نه هو ۽ سنڌ کي پاڻي جي حصي ۾ انصاف پلئه نه پيو هو پر ان جي باوجود سنڌ پاڻي ٺاهه کي قبول ڪيو ۽ پوءِ ان ٺاهه تي به عمل کان مسلسل گوڙنائڻ ڪئي پئي وڃي. هن وقت به وفاق ۾ نواز ليگ جي حڪومت آهي پر سنڌ سان پاڻي جي ناانصافي ختم ڪرڻ لاءِ ڪو به تحرڪ نٿو ورتو وڃي.

سنڌ سان پاڻي معاملي ۾ شديد ناانصافي جي باوجود سنڌ جي حڪمران جماعت معاملي کي سنجيده وٺڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ٻوڏ متاثرن لاءِ پيسا نٿا ملن ته وفاقي حڪومت ۾ پائيواري ڇڏڻ جو چتاءُ ڏنو وڃي ٿو پر جڏهن سنڌ سان پاڻي معاملي ۾ زيادتي ٿي ته معاملو صرف خطن پٺن تائين محدود رهي ٿو. جڏهن مرڪز ۾ به سنڌ جي حڪمران جماعت سان تعلق رکندڙ وفاقي وزير آهي، جنهن وٽ پڻ پاڻي وسيلن جو قلمدان آهي، ان جي باوجود سنڌ کي پنهنجو منصفاڻو حصو نٿو ملي. پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت آخر اهو احتجاج ڪنهن سان پئي ڪري؟ جڏهن پيپلز پارٽي ٻوڏ متاثرن جا پيسا نه ملڻ تي وفاقي حڪومت کان ڌار ٿيڻ جو چتاءُ ڏئي سگهي ٿي ته ڇا پ پ سان تعلق رکندڙ پاڻي وسيلن جو وفاقي وزير احتجاج طور پنهنجو قلمدان ڇڏڻ جو چتاءُ ڏئي سگهي ٿو؟

اسان سنڌ سان پاڻي معاملن ۾ ٿيندڙ ناانصافي کي انتهائي ڳڻتيءَ جي نگاهه سان ڏسون ٿا. ان حوالي سان سنڌ جي چونڊيل ايوان کي پڻ پنهنجي عوامي نمائندگي جو حق ادا ڪندي ڳڏيل نموني زوردار نهراءِ جي صورت ۾ احتجاجي آواز اٿارڻ گهرجي ۽ پاڻي وسيلن واري وفاقي وزير کي پڻ عوامي نمائندگي جي پاسداري ڪندي سنڌ سان پاڻي معاملي ۾ انصاف لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

سياست ۾ جدت، وقت جي اهم ضرورت

محمد ايوب پيرزادو

انسان خدا جي هڪ بهترين تخليق آهي جنهن تي الله تعاليٰ پنهنجو ناز ڏيکاريو آهي. انسان هڪ ذمہ دار هستي آهي ۽ انجي تخليق ڪنهن خاص مقصد يعنيٰ خالق جي عبادت ڪرڻ آهي. انسان جي مٿان پنهنجي خالق جا به اهم فرض آهن هڪ پنهنجي حقيقي پالڻهار جي اطاعت ۽ ٻيو انجي ٻانهي سان پيار ڪرڻ. يعنيٰ هڪ حقوق الله ۽ ٻيو حقوق العباد. جيڪڏهن حقوق الله ۾ ڪا ڪوتاهي ٿئي ٿي ته الله تعاليٰ غفورالرحيم آهي هو ڪيس انکي معاف ڪري سگهي ٿو پر جيڪڏهن حقوق العباد ۾ ڪائي ڪوتاهي ڪري ٿو ته الله تعاليٰ انجو گناهه هرگز معاف ڪين ڪندو ۽ ان جڳهه ته معاف ڪرڻ جو حق فقط انکي ئي ڏنل آهي جنهنجو حق ڪاڌو يا ماريو ويو . روز محشر الله تعاليٰ انسان ذات جي هر وڏي ۾ وڏي گناهه کي معاف ڪري ڇڏيندو سواءِ ڪفر جي . قرآن ڪريم جي سورت النساء ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ترجمو "۽ الله وٽ صرف ڪفر جي ئي بخشش نه آهي ان ڪانسواءِ سڀ ڪجهه معاف ٿئي سگهي ٿو. جنهن کي هو معاف ڪرڻ چاهي " ثابت ٿيو ته ڪفر حد آخر يعنيٰ اختتام آهي. اسلام ۾ مايوسي کي ڪفر جي پيٽ ڏئي وئي آهي مايوسي انسان کي فالج وانگر بي بس ڪري ڇڏيندو آهي جو ته انسان مايوسي ۾ الله جي قادر ٿيڻ کي ئي وساري ڇڏيندو آهي ۽ الله تعاليٰ جي ڏنل صلاحيتن کان به فائدو وٺڻ کان محروم ٿئي ويندو آهي جيڪا ڪنهن به بحران کان نڪرڻ ۾ ڪيس وڏي مدد ڪندي آهي. پاڪستان جي مشهور ماهر نفسيات حمير هاشمي جن جون لکتون آمريڪا ۽ ڪئنيڊا جي ...

دلچسپي نٿو رکي ۽ ڪا تسلي بخش تبديل چاهي ٿو.

دنيا جي هر شعبي يعني ميڊيڪل، انجنيئرنگ، قانون ،فلڪيات، زراعت وغيرو کان علاوهه انسان جي پنهنجي رهڻ سهڻ، لباس کائڻ پيئڻ سميت دنيا جي سموري نظام ۾ وقت سان گڏوگڏ حيرت انگيز حد تائين جدت ڏسڻ ۾ آئي آهي جن ۾ نوجوانن ڀرپور دلچسپي رکي پنهنجو هڪ اهم ڪردار ادا ڪري وقت جي ضرورت موجب ان ۾ پازيٽيو تبديلي ۽ نکار پيدا ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت پاڪستاني سياست به هن مهل هڪ اهڙي اهم چوراهي تي اچي بيٺي آهي جتي ان ۾ سڌار پيدا ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. سوشل ميڊيا ڪانپوءِ هر شخص ننڍي ۾ ننڍي ۽ وڏي ۾ وڏي خبر کان ڀرپور طرح سان واقف آهي جيئن تازو سيرتي ويل آبدوز ٽائيٽين سمنڊ جي تهه ۾ 1912 کان غرق ٿيل ٽائيٽينڪ کي ڏسڻ لاءِ ويو ۽ ڪيس اچانڪ وڏو حادثو پيش آيو اها خبر ڪجهه ئي دير ۾ سڄي دنيا ۾ باهه وانگر پکڙجي پئي اهڙيءَ طرح اڄوڪي دور ۾ ڪا به خبر لڪيل نٿي رهي سگهي، خاص ڪري نوجوان جو ڏيهي توڙي پرڏيهي جي هر شعبي جي حالات حاضره ۾ وڏو عبور آهي تنهنڪري دور حاضر ۾ عوامي سطح تي نوجوانن کي قائل ڪرڻ گهڻو دشوار ٿئي پيو آهي جنهن کي سياستدان صرف حقيقي عوامي خدمت ڪرڻ سان ئي قائل ڪري سگهن ٿا. وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان ۾ به هينئر جديد ۽ پازيٽيو ماڊرن سياست جو آغاز ٿئي، دور حاضر ۾ تقريبا هر هنڌ نوجوان سياستدان پاڪستاني عوام جي لاءِ هڪ اميد جي ڪرڻ طور ثابت ٿئي رهيا آهن جن ۾ ...

جي خطرناڪ اسپل دوران سکر شهر مان پاڻي جو اخراج آساني سان ٿئي سگهي.

ميئر سکر جي دلچسپي سان صفائي جو نظام ڪراچي ۽ حيدرآباد جيان جديد طرز جو سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم متعارف ڪرايو آهي جنهن جو ٽرائل بيس اينڊڙ عبدالضحي تي ڪيو ويندو.

ٻئي پاسي ڊاڪٽر ارشد مغل جن کي پاڪستان پيپلز پارٽي ڊپٽي ميئر سکر مقرر ڪيو آهي هميشه عوامي خدمت ۾ نمايا نظر ايندا آهن ڊاڪٽر ارشد مغل ڊپٽي ميئر سکر مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ سان گڏ ايندڙ پنجن سالن جي دوران عوام جي ڀرپور خدمت ڪرڻ جو عزم ڪيو آهي.

سيد ناصر حسين شاهه جي فرزند سيد ڪميل حيدر شاهه جن کي پاڪستان پيپلز پارٽي سکر ضلعي جو چيئرمين مقرر ڪيو آهي جن جي سياسي پرورش انجي والد سيد ناصر حسين شاهه ڪئي آهي سيد ڪميل حيدر شاهه ڪنهن تعارف جو محتاج نه آهي ۽ انتهائي نرم ۽ نفيس مزاج انسان آهي جيڪو پنهنجو گهڻو وقت پنهنجي والد جي سياسي حلقي کي ڏيندو آهي ۽ سوشل ڪمن ۾ سدائين فرنٽ لائن ۾ نظر ايندو آهي . هن نوجوان سياستدان مان عوام وڏي اميد رکي ٿو ڇاڪاڻ ته هي پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي عوام جي بهتري لاءِ وڏا اپاءَ وٺي رهيو آهي ۽ سياست ۾ عملي طور قدم رکڻ ...

آيا تو منجهان، ڪَڪَ ڇُتي رتُ نڪري!
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جَهلِيندي گهاءَ؟
سو تون ڪُڇاڙيا، سِڪَڻَ جون سَڏُون ڪرين؟

هڪ جپسي ڪالم هڪ اسلامي ملڪ ۾ هولي!

حبيب ساجد

اي رب ڪائنات.. سڄي گروءَ جي برڪت سان. اڄ اسان انتهائي سڪون ۾ آهيون. اسان جي تلاش مُڪت (مڪمل) ٿي چڪي آهي. اڄ اسان جي گهر ۾ بهار جي مند آيل آهي. اي لامحدود خدا..! اڄ اسان ڦڳڻ جو تهوار ملهائي رهيا آهيون. "(سکن جي گرو گرنٿ صاحب ۾ هوليءَ جي دعا). لاهور جي هڪ عام ڪاليج ۾ ايڪانامڪس جي ليڪچرار جي حيثيت سان نوڪريءَ جي شروعات ڪندڙ ڊاڪٽر شائسته شهيل به ان ئي نسل واري ذهني بيماريءَ جي مالڪ آهي. جيڪا اڄ به ارتغرل ٽائپ سوچ کي پروان چاڙهڻ پسند ڪندي نظر اچي ٿي. بدقسمتيءَ سان هي اهو لتڪيل نسل آهي. جيڪو پنهنجي ماضي کي محمد بن قاسم ۽ محمود غزنوي جهڙن حملا آورن سان جوڙي خوشي محسوس ڪري ٿو. انهن جي سوچ جو محدود دائرو انهن کي هن معاشري لاءِ بي حد خطرناڪ بڻائي رهيو آهي. هڪ عاليشان معاشري جو عڪس معاشرتي رواداريءَ تي بيٺل هوندو آهي. هي ان تي لڪير ڦيري پنهنجي سستي سوچ کي نوٽيسن جو روپ ڏئي ٿاڦيندي بلڪل به نه ڪيپائيندا آهن 6 مارچ 632 ع ڌهاڙي نبي سائينءَ جيڪو الوداعي خطبو ڏنو هو. ان جا لفظ ته پڙهو: "اي منهنجي امت! الله ...

بقايا 01

سان ڪيل معاهدي کي بحال ٿيندي ڏسي چو روئي رهيا آهن؟ 9 مئي تي ملڪ ۾ باهيون ڏنيون ويون. فرجي تنصيباتن تي حملا ڪيا ويا. شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي وئي. هاڻ معاشي مفادن تي حملن جون ڀيهر تياريون ڪيون پيون وڃن. هن چيو ته آءِ ايم ايف سان سمجهوتو ويجهو ٿيڻ جي خبر پڌري ٿي تخريبڪارن، سازشين ۽ ملڪ دشمنن جو روح ڀٽڪڻ شروع ٿي ويو آهي ...

آف پاڪستان اعلان ڪيو آهي ته ٽيڪس ڏيندڙن جي سهولت لاءِ عيد جي موڪلن دوران به مخصوص بئنڪ جون شاخون کليل رهنديون. اسٽيٽ بئنڪ موجب ڪجهه بئنڪ برانچون 27، 28 ۽ 30 جون تي کليل رهنديون. اسٽيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته نيشنل بئنڪ جي ڪسٽم هائوس برانچ 30 جون شام 5 وڳي تائين کليل رهندي، 27 جون 2023 تي اڳاري تي سڀ ...

بقايا | سنڌيار | 01

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 02

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 03

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 04

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 05

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 06

[illegible]

محمد بخش ڪوراٽي ،دادو ڊولپمينٽ ارگنائيزيشن جي صدر ساجد مستوئي ، ماما ممتاز چنه ،مرتضيٰ قمبراڻي، علي دادو واڳا ، سي ار سي اڳواڻ سينئر صحافي نياز چانڊيو ،سڪندر ملاح، ظهير سومرو، عبدالجبار ميمڻ،رياض گوپانگ، منظور چانڊيو ، سهراب جمالي ، ذڪريا جمالي، مقصود ميمڻ دادو شهر جي مختلف واردن جي ڪائونسلرن سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيپڪو سان متعلق مختلف مسئلا واپڊا انتظاميه آڏو پيش ڪيا

بقايا | سنڌيار | 07

ڪاٽي جي انتظاميا جي ملي ڀڳت سان مال ٻڙي جو ٺيڪو غير مقامي ٺيڪيدارن حوالي، مقامي ٺيڪيدارن سميت پاڳيا ۽ واپاري سراپا احتجاج ٻڌيل تفصيل موجب: ٿرپارڪر جي مرڪزي شهر اسلام ڪوٽ ۾ ٽائون انتظاميه جي معاونت سان لڳندڙ مال ٻڙي گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪرپشن جو گڙه بڻجي وئي آهي. مال ٻڙي جو ٺيڪيدار ٽائون انتظاميه جي ملي ڀڳت سان مال ٻڙي لاءِ مختص ڪيل ڏينهن اربع ۽ خميس سان گڏوگڏ اربع جي شام ٽرڪول مين روڊ تي ۽ اڄ جي ڏينهن مارئي اسٽيڊيم پرسان مال ٻڙي هلائڻ لڳو آهي جڏهن ته ٽائون رڪارڊ ۾ صرف ٻه ڏينهن جي مال ٻڙي چاتايل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ذريعن موجب هفتي ۾ ٽي کان چار ڏينهن هلندڙ مال ٻڙي تان ٿيندڙ وصولي 70 فيصد ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي. جنهن ۾ ٽائون آفيسر نوابشاه کان اسلام ڪوٽ مال ٻڙي لاءِ مقرر ڪيل ٺيڪيدار سميت لاڳاپيل انتظاميه ملوث آهي. جڏهن ته مال ٻڙي تان ٿيندڙ وصولي 30 فيصد حصو ٽائون ڪاميٽي اسلام ڪوٽ جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿي رهيو آهي! غير قانوني طور ٻه ڏينهن وڌيڪ هلندڙ مال ٻڙي تي چوري جو مال پڻ وڏي تعداد ۾ وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي. اربع جي شام ٽرڪول روڊ سميت مال ٻڙي جي ٻه ٽي غير قانوني طور لڳندڙ ٻاڪري مال جي ٻڙي تان چورن ٻاران چوري جون ٻڪريون ڪافي پيرا وڪرو ڪيو ويون. جنهن تي آسپاس جي رهواسين ۽ ٽرڪول روڊ تان گذرندڙ مختلف گاڏين جي ڊرائيورن جو چوڻ هو ته مال ٻڙي رات جي وقت ۾ مين روڊ تي هجڻ سبب حادثي جو خدشو رهي ٿو. ...

بقايا | سنڌيار | 08

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 09

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 10

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 11

[illegible]

بقايا | سنڌيار | 12

[illegible]

۽ مقرر سب زونل گئس انچارج خلاف محڪماتي ڪاروائي ڪري هٿراڏو گئس بند ڪرڻ جو سلسلو ختم ڪيو وڃي ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 13

امان الله ملڪ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ٿيو هو پر ايس ايس پي سردار عبدالقيوم پتافي عدالتي حڪم تي عمل بجاءِ پراڻي صوبيدار کي هٽائي نئون ايس ايڇ او مقرر ڪيو واضح رهي ته پوليس، پنجاب جي رهواسين سميت ۾ ڇڻن کي نجي سيل ۾ بند ڪري رکيو هو ۽ ذريعن موجب ايس ايڇ او انهن جي اي ٽي ايم مان لکين روپيه پڻ ڪيرايا هئا ۽ وڌيڪ ڏيتي ليتيءَ لاءِ ڪين هٿ ڪڙيون ۽ زنجيرون هٿي نجي جاءِ تي بند ڪري ڇڏيو هو ٻئي طرف انساني حقن جي وڪيل ۽ ايڇ آر سي جي ڪارڪن لالا اير حسن پٺاڻ جو چوڻ آهي ته نجي ٽارچر سيل هلائيندڙ ايس ايڇ او کي رعايت ڏئي ايس ايس پي ٻه سائس ٻٽ هجڻ جو ثبوت ڏنو آهي. هن چيف جسٽس سنڌ، سيشن جج نوشهروفيروز محبوب عالي جواهري ۽ آئي جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان مطالبو ڪيو ته اهڙن عوام آزار پوليس عملدارن سان ڪا به رعايت نه ٿيڻ کپي. ياد رهي ته ايڊيشنل سيشن جج ۽ طاهر حسين ابڙو . پوليس اهلڪارن مٿان ايف آئي آر، 50 هزار ڏنڊ ۽ معطلي جو حڪم ڏنو هو پر ان تي عمل ٿيڻ باقي آهي.

بقايا | سنڌيار | 14

منير احمد نائچ، غلام مصطفيٰ چانڊيو ڊويزن سيڪريٽري فتح خاصخيلي، ضلع صدر ڊاڪٽر علي نواز گبول ايڊووڪيٽ صداقت علي گورڙ ،غلام شبير راڄپر، محبوب علي ڪوسو ،مير حاصل مري، محمد علي بگٽي ،گل بگٽي، ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي قومي خدمت لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. انهن چيو ته ڪراچي ۾ سياست سان گڏ تنظيم کي مضبوط ڪرڻ گهرجي، انهن چيو ته تنظيم کي پنهنجي گهر وانگر ڏاهي مضبوط ڪيو. انهن چيو ته اقتداري ڌريون وطن جي ملڪيت کي ٽين وال ڪري رهيا آهن. سنڌ حڪومت ملڪ مٿان ڏمر ڪان سواءِ ڪجھ ڪرنهي. اسان چئون ٿا ته پ پ ڪراچي ۾ ميئر آئي جشن ٿي ملهائي اسان چئون ٿا ته 15 سالن کان پ پ جي حڪومت آهي. انهن سنڌي قوم کي ڇا ڏنو قوم کي گهرجي ته هيئر سجاڳ ٿيڻ انهن چيو ته اسان سائين زين شاه ۽ جلال محمود شاه جي اڳواڻي ۾ سنڌي قوم جي خدمت لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون ڪندا رهندا سين. ۾ قوم کي گهرجي ته پ پ جي ليٽيرن کان جان ڇڏائڻ لاءِ ايس يو پي جا هٿ مضبوط ڪن. انهن چيو ته پ پ حڪومت وفاقي حڪومت کي پوڙ متاثرن جي بحالي واري ڳالهه تي بليڪ ميل ڪري 25 ارب روپين جو گرانٽ ورتو آهي پر ڏيندا ٽڪو به ڪنهن کي ڪون.

بقايا | سنڌيار | 15

کي ملائڻ واري پل تي سڄل ڪمپني جي هلندڙ اڏاوتي ڪم دوران ڪچي جي هٿياربندن ڪاه ڪري سڄل ڪمپني جي 3 ملازمن کي هٿيارن جي زور تي مبينا طور اغوا ڪري ويا هئا جنهن بعد اڄ سڄل ڪمپني جي ٽنهي ملازمن مغوي شفيق احمد مغوي مظهر ۽ جمشيد کي هٿياربندن ٻاران زنجيرن ۾ جڪڙي مٿس سخت تشدد ڪندي مغوين جي ويڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ڪري ڇڏي آهي وڊيو ۾ ٽيئي مغوي ايس ايس پي ڪشمور توڙي سڄل ڪمپني جي مالڪن کي روئيندي دانهن ڏين ٿا ته خدا جي واسطي اسانجي ڏوهارين کان جند آجي ڪرايو اسان کي هتي سخت تڪليفن سان منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ڏوهاري نه ماني ڏين ٿا نه ئي پاڻي روزانه اسان کي مارڪٽ ڪئي وڃي ٿي ۽ سخت تشدد جو نشانو بڻايو وڃي ٿو

بقايا | سنڌيار | 16

عبدالرزاق عابد لاکو ، مولانا محمد صالح انڍڙ ، آغا محمد ايوب شاه، مولانا عبدالله مهر، ڊاڪٽر اي جي انصاري ، قاري لياقت علي مغل ،قاري محمد فاروق شيخ ، مفتي اعظم مهر ، مفتي قمرالدين ملاڻو ، مولانا امان الله سڪروي ، مولانا مولا بخش مهر مولانا عبيدالله پنهور سميت سياسي سماجي واپاري اڳواڻن وڪيلن صحافين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ جي اڳواڻن ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ مڪاني چونڊون ۾ جي يو آءِ وڏي اڪثريت سان سوپ ماڻي آهي .هنن چيو ته جيڪي اسان جا عهديدار بلدياتي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيا آهن . هو سنڌ جي عوام جي بلاتفريق خدمت ڪندا . هن چيو ته اسان عام چونڊن ۾ ڀرپور تيارين سان ميدان تي لهنداسين . جي يو آءِ ملڪ مان غربت ختم ڪري عوام کي خوشحال ڪندي، عهديدار ۽ ڪارڪن پنهنجي علائقن ۾ پارٽيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو . ملڪ کي مولانا فضل الرحمان جهڙي سياستدان جي ضرورت آهي . هن چيو ته سنڌ صوبو جيڪو ملڪي معيشت ۾ 70فيصد روينيو 60فيصد گئس ڏئي رهيو آهي پرسنڌ جو عوام اڄ به بجلي ۽ گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ بک بدحاليءَ پاڻي جي کوٽ ۽ بيروزگاري برداشت ڪري رهي آهي . جڏهن ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال جي ڪري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي چڪو آهي . ڪشمور ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي ۽ جيڪب آباد ضلعا ڀنگ لاءِ اغوا جي انڊسٽري بڻجي چڪا آهن .هر روز معصوم ٻارڙا مزدور ۽ عورتون اغوا ٿي رهيون آهن. ڌاڙيلن وٽ نيٽو جا هٿيار ڪٿان ٿا اچن . بندوق جي زور تي سنڌ ۾ خوف جو راڄ جاري آهي . هن وقت به سنڌ مان گهٽ ۾ گهٽ به 35کان 40 ماڻهون اغوا ٿيل آهن. جن ۾ سکر جي سنگرار جي معصوم ٻارڙي پريا ڪماري به شامل آهي . ۽ هنگورجا واسي ٻارڙو جعفريٽو ، ٺٽڙي فرحان سومرو، عظيم مشيڪ . ڇنين ورهين جي ڪوثر ڪوسو ۽ سندس والده نازيا ڪوسو سميت شامل آهن . جنهن کي فلفور بازياب ڪرايو وڃي. سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي . آخرم مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا

بقايا | سنڌيار | 17

ڀير پرسان ائين جي ٻا غ ۾ مبينا زيادتي بعد قتل ٿيل نشاءِ ڪولهي جي وارثن وٽ پهتا متاثر خاندان ۽ پوليس کان واقعي جا تفصيل ورتا خبر موجب اطلاعات ونشريات ۽ ٽرانسپورٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي پٽ انعام ميمڻ ايس ايس پي عليتا راجپر سميت پيا مقتولا نشاءِ ڪولهي جي سوڳوارن سان ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي راول شرجيل ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعو افسوس ناڪ آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هن چيو ته اهي ٿيندڙ واقعا افسوس ناڪ آهن جيڪي نه ٿيڻ گهرجن هن چيو ته جلد ئي نشا ۽ ڪولهي جي قاتلن کي انجام تي پهچايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته اسان جون همدرديون وارثن سان گڏ آهن ان موقعي صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي پي ايز اعجاز ڪوسو محب ڪچي ۽ وائيس چيئرمين يوسي 76غلام مصطفيٰ ملاڻو ٽيس فاروق ڏهوٽ لاريب ڀير امتياز ڀير پيا ڪارڪن گڏ هئا

بقايا | سنڌيار | 18

جي مالڪ کيولرام نريش ڪمار ٽانوراٽي کان نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي لکين روپيه ڪيش رقم ۽ قيمتي موبائل فونون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ٻئي طرف ڏاهيچي کان گوٺ آچار سالار جو ڪيو ڏاتهن ويندڙ رڪشا ڊرائيور الطاف سالار جو ڪيو کان نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿار جي زور تي 80 هزار روڪ رقم ۽ ٻو قيمتي سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا. حد جي پوليس وٽ رپورٽون درج ڪرائڻ باوجود پوليس ڪا به ڪاروائي ڪري ناهي سگهي. ڦرجي ويلن ايس ايس پي ٿٽو کان نوٽيس وٺي چورن ۽ ڦورن خلاف سخت ڪاروائي ڪري ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي شهرين کي تحفظ مهيا ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا | سنڌيار | 19

دائود، صالح محمد ڪنڌرا، سيد ممتاز علي شاه، سيد واحد شاه ۽ ٻين هتي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته ٻنون ماينر ۾ گذريل 6 مهينن کان وني پاڻي پوڇڙ تائين پهچي ناهي سگهيو، جنهن جو وڏو سبب لفٽ مشينون لڳائي پاڻي چوري ٿيڻ توڙي راه جي ڪانٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ آهي، جنهن ڪري پاڻي پوڇڙ تائين نه پهچڻ ڪري سنڌن زمينون بنجر بڻجي ويون آهن. پر هن طرف کير به ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، هنن چيو ته ڪاڻي پيرا ايريگيشن ڪاٽي جي عملدارن سميت چونڊيل نمائندن کي به دانهون ڏنيون آهن. ۽ پوچڙ جي ابادگارن جي مسئلن ڏانهن ڪير به

ڏيان ڏيڻ لاءِ تيار ناهي ۽ نه ئي ڪين پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روڊ، رستي، بجلي، سوئي گئس، واٽر سپلاءِ سميت ڪا بنيادي سهوليت ميسر ٿي سگهي آهي. هنن چيو ته يونين ڪائونسل بچل گگو جي قديمي ڳوٺن ڳوٺ اٿل شاه، دورو ڏماچ، وڏل شاه، عمر ڪرو، مئو ڪنڌرا، مراد ڪرو، صالح ڪنڌرا جي رهواسين جو گذر سفر جو پاڻي مال ۽ زراعت تي آهي. پر ٻنون ماينر تي پاڻي نه هجڻ ڪري پوڇڙ جي آبادگارن جون هڪ طرف زرخيز زمينون تباه پيون ٿين ته ٻئي طرف انسان توڙي جانور پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان آهن. هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته فورن ٻنون ماينر جي ڪانٽي ۽ صفائي ڪرائي پاڻي کي پوچڙ تائين پهچائي چوري ٿيندڙ پاڻي کي بنجو ڏيئي غيرقانوني لڳل لفٽ مشينون ختم ڪرائي پاڻي وڪرو ڪندڙ ايريگيشن ڪاٽي جي عملدارن خلاف سخت ڪاروائي ڪري پوچڙ جي ابادگارن کي نقصان توڙي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 20

وڏي پاءِ سد موج علي شاه، استاد سيد خادم شاه، ڪائونسلر سيد محمد علي شاه، پٽن سد شفقت علي شاه ۽ سد صداقت علي شاه سان تعزيت جو تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا | سنڌيار | 21

معاملي تان مهر برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ منظور مهر ڌر جي ماڻهن پاٽرن احمد مهر ۽ محمد مهر جا هٿياربندن سان ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي مزاحمت دوران محمد اسلم مهر جي ڌر جي پنجن ڄڻن کي سخت زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمي دلاور مهر کي سکر ريفر ڪيو ويو ان حوالي سان عادلپور پوليس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته جهيڙي دوران محمد اسلم مهر واري ڌر جا پنج ڄڻا پير بخش علم الدين جلال الدين شمس الدين ۽ دلاور مهر سخت زخمي ٿي پيا دلاور مهر جي حالت گنڀير هجڻ جو ڪري ڪيس سکر ريفر ڪيو ويو آهي جڏهن ته واقعي جي عادلپور ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪئي وڃي آهي..

بقايا | سنڌيار | 22

ڪري، 2 جوابدار گرفتار ڪيا آهن ڊي ايس پي نوشهروفيروز امداد سولنگي، ايس ايڇ او درياخان مري نبي بخش جلباڻي ۽ ايس ايڇ او ابڙان رفيق پوهيو جي اڳواڻي ۾ مهراڻ هاءِ وي تي پوليس مزدا گاڏي کي روڪي تلاشي ورتي جڏهن ته پوليس دعوا ڪئي آهي ته تلاشي دوران سوا 2 من جي لڳ ڀڳ چرس هٿ ڪري ٻن جوابدارن محمد ابراهيم مرهٽيو ۽ سيف الله ڊومڪي کي گرفتار ڪيو آهي ڊي ايس پي نوشهروفيروز صحافين کي ٻڌايو ته جوابدار مزدا ۾ رڪيل چرس ڪوئيٽا کان ٽنڊو آدم ڪٺي وڃي رهيا هئا ته ڳجهي اطلاع تي ناڪابندي ڪري ڪارروائي ڪئي آهي ڊي ايس پي وڌيڪ چيو ته جوابدارن خلاف سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويندو

بقايا | سنڌيار | 23

جنرل باڊي جي سکر پريس ڪلب ۾ ٿيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس ايس يو جي صدر امداد بوزدار ۽ سکر پريس ڪلب صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل جي صدارت هيٺ ٿيو. اجلاس ۾ پي ايف يو جي جو سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ،ايس يو جي جو نائب صدر خالد ٻانيڻ، ايس پي سي جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ، ايس پي سي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، ايس يو جي جنرل سيڪريٽري احقر رضوي، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن جي صدر سليم سهتو سيفما چيپٽر سکر جي صدر صلاح الدين قريشي، سينيئر صحافي ظهير خان لوڌي، سحرش کوکر، ڪرن مرزا، ميمبر ايف اي سي جاويد جتوئي، يونين آف جرنلسٽ جو آفيس سيڪريٽري ديدار انڙ سينيئر صحافي مشتاق منگريو مجيد نواز مغل، نصرالله وسير، يار محمد سومرو، اظهر دايو، شڪيل عاجز، ڪامران شيخ، مرتضيٰ جوڻيجو، زمان باجوا، رياض راجپوت،فاروق سومرو ، اعجاز چڇڙ، اسحاق ڪوسو فريد سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ مختلف ميمبرن ڪامران شيخ،مجيب ورند،قذافي شاه، شاه ولي ۽ عمران شيخ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪي سرڪاري آفيسرن ۽ عوام کي صحافت جي نالي تي پنهنجي مفادن جو نشانو بڻائي رهيا آهن ۽ ڪافي عرصي کان سکر پريس ڪلب ۽ قيادت خلاف سازشون ڪري رهيا آهن انهن جي مڪروهه چهرن کي عوام آڏو ظاهر ڪرڻ سان گڏ انهن خلاف قانوني ڪاروائي ٿيڻ گهرجي. اجلاس کي سکر پريس ڪلب جي صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل چيو ته سموري ميمبر آئين تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا. ڪنهن به قسم جي پڃڪڙي نه ٿيڻ گهرجي. اجلاس کي خطاب ڪندي لس و جي جي صدر امداد بوزدار چيو ته سکر پريس ڪلب ۽ اڳواڻن خلاف سازش ڪندڙن کي قانون تحت سزا ڏياريندا سين. اجلاس کي PFUJجي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ خطاب ڪندي چيو ته ٽن ڏهاڪن جي جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ سکر پريس ڪلب جي خوبصورت عمارت تعمير ٿي ۽ صحافين جي اتحاد کي مضبوط ڪيو ويو جيڪو عمل ڪجھ عناصرن کي هضم نه ٿي رهيو آهي. هنن جو خيال آهي ته هو مختلف وقتن تي سازشون ڪري هن اتحاد کي ڪمزور ڪندا پر اها سندن غلطي آهي. سچي صحافت رڳو ملڪ ۽ عوام لاءِ آهي. مفاد پرست طبقو پنهنجي سازشن سان ئي ختم ٿي ويندو صحافين خلاف ڪجھ به نه ڪري سگهندا صحافي اتحاد قائم رهندو اجلاس جي آخر ۾ سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري احقر رضوي پاران پنج اهم ٺهراءَ ايوان ۾ پيش ڪيا ويا. جن کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو متي چاتايل عهديدارن ٺهراءَ پيش ڪيو ته صحافت جي آزادي ۽ زرد صحافت جي خلاف ڪنهن به قدم کي هي ايوان اڪثريت راءِ سان رد ڪري ٿو. شهر ۾ شهرين کي ڦرڻ ۽ ڀاڻ کي قانون کان مٿاهون سمجهڻ زرد صحافت جي گروهه جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. سکر پريس ڪلب ۽ يونين جي عهديدارن کي اهو اختيار هوندو ته هو ميمبرن خلاف ڪنهن به سازش ۾ ملوث ماڻهن خلاف هر سطح تي ڪارروائي ڪري سگهندا ۽ ڪنهن به ميمبر کي سزا ۽ معافي ڏيڻ جو آئيني اختيار صرف جنرل باڊي وٽ هوندو ۽ سکر پريس ڪلب هن معزز ايوان ذريعي سيني کي اطلاع ٿو ڏئي ته اڄ کان پوءِ ڪنهن به قسم جي منافقت کي برداشت نه ڪيو ويندو اجلاس ۾ پنوعاقل پريس ڪلب پنوعاقل يونين آف جرنلسٽس ۽ روهڙي پريس ڪلب ۽ روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي صدرن، سيڪريٽرين جي اڳواڻي ۾ وفد مبصر طور اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 24

۾ شريڪ ماڻهن صادق لاکو کي اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا.تقريب ۾ چيئرمين سنڌي لينگرج اٿارٽي سنڌ محمد علي مانجهي، سنڌ آبادگار بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر افضل آرائين. سنڌ جي وڏي وزير جو اڳوٽو صلاحڪار انجنيئر پرويز احمد آرائين. زبير آرائين سماجي اڳواڻ محمد علي ختڪ سنڌي، ڊاڪٽر امتياز پالاري. نيشنل پريس ڪلب ٺٽو جو صدر محبوب بروهي، مڪلي پريس ڪلب جو صدر احمد خشڪ. قومي عوامي تحريڪ سنڌ جو مرڪزي اڳواڻ سنڌي ياسر جاکرو ـ عوامي تحريڪ ضلعي ٺٽي جو صدر ملا خان لاشاري ٺنگر پبلڪ پريس ڪلب جي روح روان جاويد لطيف ميمڻ. جيئي سنڌ محاذ ٺٽي ضلعي جو صدر امجد شورو ـ شاعر مارو خشڪ سميت سول سوسائٽي ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. انهي موقعي تي صادق لاکو جي ادبي . ثقافتي ۽ سماجي زندگي کي اجاگر ڪيو ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا | سنڌيار | 25

ڪوآرڊينيٽر عمران خان چيو ته گهرن ۾ هٿ جو هنر جهڙوڪ پرٽ پرڻ، سلائي ڪڙهائي، واڻ وٽيندڙ، رليون، چيڀون،ٽوپيون، ڪٽرن وائيندڙ ۽ ٻيا ڪيترائي هٿ جا هنر ڪندڙ عورتن جون يونينون رجسٽر ڪرائڻ سان گهرن ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي هتي ملندي ۽ هو پنهنجي هٿ جي نهيل شين جي ٻزيرائي لاءِ گڏجي ڪم ڪنديون جلد ليبر ڊپارٽمينٽ سان ملي هوم بيسڊ ورڪرز يونين رجسٽر ڪرائيبون دادو ۾ هوم بيسڊ ورڪرز جي گروپن جي گڏجاڻي رکي وئي جنهن ۾ يونين جوڙڻ ۽ ان جي فائدن بابت سنڌن کي آگاهي پڻ ڏني وئي بعد ۾ سيني گروپن جي عورتن جا رجسٽريشن فارم ڀريا ويا جيڪي جلد ليبر ڊپارٽمينٽ وٽ رجسٽريشن لاءِ موڪليا ويندا ته جيئن هوم بيسڊ ورڪرز کي ڪو پليٽ فارم مهيا ٿي سگهي ۽ هوان مان فائدا حاصل ڪري سگهن.

بقايا | سنڌيار | 26

ٽ الف اڳواڻن کي ٻڌايو ويو تعليمي ادارن مان چوري ڪرڻ افسوس آهي گادي نشين تفصيل موجب بهرام ٿاڻي جي حد گورنمينٽ اسڪول درگاه حاڪم علي شاه جي رات دير سان نامعلوم چورن 5 ڪمرن مين گيٽ ۽ الماڙي جا تالا ٽوڙي 5 سولر پکا 2 سولر پليٽ پاڻي وارا ڪولر چانهه ٿرماس سميت سمورو سامان ٻوهاري ڪئي ويا صبح ٿيڻ تي چوڪيدار گل محمد مگسي پهچي هيڊ ماسٽر ۽ درگاه جي گادي نشين سيد علي حيدر شاه شمسي کي ٻڌايو جنهن ايس ايڇ او بهرام سان رابطو ڪري ٻيرين ۽ ڪوچي ڪتن زرعي پيرا ڪٺي ڳوٺ عبدالواحد ۾ عبدالفتاح ٽوناٽي جي گهر ۾ داخل ٿيا ته گهر مالڪ فرار ٿي ويا ڪجھ دير بعد بهرام پوليس هڪ جوابدار عبدالفتاح کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي چوري جي اطلاع تعلقي ميروخان ۽ ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي آفيسرن کي ڪيو ان موقعي تي گادي نشين سوين ماڻهن آڏو چيو ته تعليمي ادارن مان چوري ڪرڻ افسوس آهي پوليس سختي سان جاچ ڪري چورن کي ڪيفي ڪردار تي پهچائي

بقايا | سنڌيار | 27

ڪکڙين جا خالي لوهي پڃرا رکيل آهن جتي دادو شهر ۾ هڪ سياسي ڌر جي بااثر ماڻهن جون خانگي گاڏين بيٺل هونديون آهن جڏهن ته سنڌن خراب ٿيل گاڏين کي به هن سرڪاري عمارت جي احاطي ۾ بيهارڻ جي گئريج بڻايو ويو آهي ايس ڊي او پرائمري ته تعليمي اختيارين پاران تبديل ٿيندا رهن ٿا پر اهو تعليم ڪاٽي جو ڪامورو نه آيو آهي جيڪو هن آفيس مان ڪکڙين جا سالن کان رکيل خالي پڃرا ڪڍائي سگهي چو ته دادو ايس ڊي او پرائمري جي مقرري ۾ سياستدانن جي سفارش هجي ٿي ان ڪري شايد هن آفيس ۾ مقرر ٿيل ايس ڊي او انهن بااثر ماڻهن کي ڪکڙين جي لوهي پڃرن ۽ آف روڊ گاڏين ۽ ان روڊ گاڏين جي گئريج ختم ڪرائي ان جي جاءِ تي پوتا ۽ پارڪ ڪرائي سگهي.

بقايا | سنڌيار | 28

جي چيئرمين نور محمد منڊرو چيو ته آئون نئون ڪوٽ پريس ڪلب جي سائين جو ٿورائتو آهيان جن مون کي عزت بخشي پريس ڪلب تي اچيائو ڏنو منهنجي وڏ کان وڏ ڪوشش آهي ته آئون هتان جي غريب ماڻهن جا جائز مسئلا بنا متيند جي حل ڪيان جن مون تي اعتماد ڪري ذميواري سونپي آهي پريس ڪلب جا صحافي دوست منهنجو ڀرپور نموني سان ساٿ ڏيندا ان موقعي تي ڪائونسلر عرفان خورشيد قائمخاني فهيم بجير ۽ پريس ڪلب نئون ڪوٽ جا صحافي دوست موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 29

اوڊي سر نالي ۾ گذريل ٻن ڏنهن کان (انڌي ٻلهڻ) انڊس ڊولفن مڇي ظاهر ٿي آهي ماهگير ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته ڪين چار (انڌي ٻلهڻ) انڊس ڊولفن ڏسڻ ۾ آيون آهن ڳوٺ چتو ملاح جي ماهيگرن موجب ته شيخاڻي گهاڙي ۽ سينگاري موري جي وچ واري ايل بي او ڊي جي حصي ۾ انڌيون ٻلهڻ نظر آيون آهن. هنن موجب ته بدين جي ساحلي سمنڊ ۾ سنڌ جي تقريبن 8،ضلعن جو گندو پاڻي ڇوڙ ڪندڙ ايل بي او ڊي ۾ سامونڊي تيز هوائن کان پوءِ بدين جي ساحلي پٽي ۾ ٻهريون دفعو انڌي ٻلهڻ نظر آيون آهن. ڳوٺاڻن موجب ته وائلڊ لائف ڪاٽي جي ٽيم اڃان تائين انڌي ٻلهڻ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ايل بي او ڊي سر نالي تي نه پهتي آهي ساحلي پٽي جي ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت ۽ وائلڊ لائف ڪاٽي کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور ناياب قسم جي انڌي ٻلهڻ کي ايل بي او ڊي جي ڪاري ۽ زهريلي پاڻي مان هٿ ڪري ڪين فوري طور سنڌو درياهه ۾ ڇڏيو وڃي جيئن انڌي ٻلهڻ جو نسل بچائي سگهجي.

بقايا | سنڌيار | 30

عباس چانڊيو ڏمرجي پيا، ماڏو جي ديه ٻوري ون ۾ 144 ايڪڙ زرعي زمين جنهن ۾ وڏيرو فرمان چانڊيو ۽ عبدالله چانڊيو جي شراڪتي گڏيل زمين هئي ان تي هٿيارن جي زور تي مبينا قبضو ڪري زمين تي بيٺل فصل به زبردستي ڪٽي ويا آهن ۽ اسان جي پٺين زمين ميهڙ جي ديه ٽاٽ ۾ 30 ايڪڙ ديه چارو ۾ 60 ايڪڙ زمين ۽ ڳوٺ ماڏو جي اباڻي گهرن تي قبضو ڪري اسان کي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي. اسان به پيپلزپارٽي جا ووٽر آهيون. اسان سان وڏيرا ظلم ڪري رهيا آهن. سردارخان چانڊيو ۽ ٻين نيڪ مردن جي فيصلن تي به نه ٿا اچن.الٽو ٻا اثر قبضي خور وقت جي فرعون وڏيرن اسان کي مارڪٽ ڪري گهرن تي فائرنگ ڪري اسان مٿان ماڏو ٿاڻي تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. اسان وٽ زمينن جو رڪارڊ موجود آهي هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد،ايس ايس پي دادو ۽ بورڊ آف روينيو ڪاٽي جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسان جي زرعي زمينن، گهرن ۽ اسان جي مٿان حملا ڪندڙ وقت جي فرعون وڏيرن کي گرفتار ڪري اسان غريبن کي تحفظ فراهم ڪري اسان کي پنهنجو جائز حق ڏياري انصاف ڪيو وڃي. اسان کي ڪجھ به ٿيو ته ذميوار چاتايل مخالف هوندا.

بقايا | سنڌيار | 31

ويو آهي وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي رابطو ڪرڻ تي نوجوان جي چاچي ٻڌايو ته منهنجو ڀائيٽيو محمد نواز ملڪ لاهور ۾ هڪ نجي ڪمپني ۾ سيڪيورٽي گارڊ طور مزدوري ڪندو هو ڪالهه لاهور کان عيد ڪرڻ واپس گهر اچي رهيو هو ته سندس جو اوچتو فون نمبر بند ملي رهيو آهي رابطو نه ٿيڻ ۽ سندس نمبر لاڳيتو بند اچڻ سبب شڪ آهي ته ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي وارثن حد جي پوليس کي اطلاع ڪري ڇڏيو آهي ۽ پاڻ به سندس ڳولها ۾ مصروف ٿي ويا آهن

بقايا | سنڌيار | 32

ڊماند رکي ڇڏي ٿي هزار کان وڌيڪ تاري جا وڻ پڻ وڪرو ڪري چڪو آهي هن جي ڪارنامن جي لسٽ ايتري ته ڊگهي آهي جو اخبارن جا پنا پورا ٿي ويندا هي ڪرپٽ ترين دارغو ايترو ته بااثر آهي جو هن وقت به هن وٽ ڇٽن کان پنج شاخن تي هن جي بادشاهي برقرار آهي جن ۾ سدا رنگ سون واهه لنڊي ڪوبري بلاول واهه علي بهر واهه ۽ ٻيون شاخون شامل آهن اسان اپيل ٿا ڪيون چيف منسٽر مراد علي شاه کي منسٽر ايريگيشن جام خان شورو صاحب، سيڪريٽري ايريگيشن ظريف کيڙو صاحب، ايم اين اي فضل شاه، چيف انجنيئر سردار شاه، انجنيئر ايريگيشن ايسٽ ڊويزن غلام محمد ميمڻ صاحب کي اپيل ٿا ڪيون ته غريبن مسڪينن مظلوم آبادگارن جو فصل بچايو ڪرپٽ دارغو شاهنواز چنو هٽايو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | سنڌيار | 33

۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن ڳاڙهو شهر ۾ پلي ڪارڊ هٿن ۾ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي شهر جي مک چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ڪلاڪ تائين ٽريفڪ معطل ٿي وئي، قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي. انهي موقعي تي اڳواڻن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ابراهيم حيدري ڪراچي جي هڪ بااثر شخص جي اشاري تي اسان جي نوجوان نور نبي جت کي بيگناهه قتل ڪيو ويو آهي، جنهن جا قاتل اڄ به آزاديءَ سان گهمي رهيا آهن ۽ موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. هن آئي جي سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته نور نبي جت جي قاتلن کي گرفتار ڪري مقتول جي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا | سنڌيار | 34

دادو جي نوجوان صحافي ۽ دادو پريس ڪلب جي ميمبر محرم علي شيتو جي گهر ۾ رات جي وقت هٿياربند داخل ٿي صحافي محرم شيتو ۽ سندس گهرواري کي سخت تشدد جو نشانو بڻائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا زخمي صحافي محرم شيتو ڪراچي جي هڪ نجي اسپتال ۾ زيرعلاج آهي صحافي تي حملي واري عمل خلاف دادو پريس ڪلب جو هنگامي اجلاس پريس ڪلب جي صدر صابر پنهور جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سينئر صحافين غوث علي جهتيال،گلڻ پنهور،سرور جلال

سولنگي،سينئر نائب صدر شهزاد چانڊيو،ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ادل مهيسر،آزاد بلوچ،ارباب رستماڻي ۽ ٻين شرڪت ڪئي اجلاس ۾ اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي حڪومت سنڌ ۽ انچارج ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ رضا ملڪ،ايس ايڇ او اي سيڪشن دادو کان جوابدارن جي جلد کان جلد گرفتاري جو مطالبو ڪندي چيو ته جوابدار گرفتار ڪري قلم ڏئين ۾ پيدا ٿيل بي چيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 35

ساڪرو ٿاڻي تي فريادي گل حسن ولد الهڏنو ملاح جي فرياد تي ڏوهه نمبر 97/2023 قلم 302.459.460.324.34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي، جنهن بعد ميرپور ساڪرو پوليس تحرڪ وٺندي ڪيترن ئي شڪي ڏوهارين کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي، پر اڃان پوليس حقيقي ڏوهارين کي گرفتار ڪري ناهي سگهي، جن جي گرفتارين لاءِ پوليس پاران ڇاپن جو سلسلو تيزي سان جاري آهي. ياد رهي ته 2 راتيون اڳ ور شهر جي ڳوٺ صحبت خان خشڪ ۾ ٿيل دل ڏکوئيندڙ واقعي بعد ملاح برادري سميت آسپاس جي رهواسين پاران وڌندڙ ڏوهي وارداتن توڙي ور شهر واقعي ۾ ملوث ملاح برادري جي ڏوهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ ڪيل احتجاج جو ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو بروقت نوٽيس وٺندي 48 ڪلاڪن اندر سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي مهلت گهري ورتي هئي، جيڪو وقت آهستي، آهستي گذرندو پيو وڃي. جنهن ڪري حقيقي جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ڪري مقتول توڙي زخمي ملاح برادري جي ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي لهر ورڻندي پئي وڃي، جن ايس ايس پي ٺٽو کي ياد ڏهاني ڪرائيندي چيو آهي ته سندس ورتل 48 ڪلاڪن جي مهلت وارو وقت تيزي سان گذرندو پيو وڃي. ان ڪري فورن حقيقي جوابدارن کي گرفتار ڪري مقتول جي وارثن توڙي زخمين سان انصاف ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ ڏنل مهلت وارو وقت گذرڻ بعد سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو پاران ڏنل احتجاج جي سڏ تي ور شهر سميت پوري ضلعي ۾ سخت احتجاجن جو سلسلو جاري ڪيو ويندو، جيڪو سمورن حقيقي جوابدار جي گرفتاري تائين جاري رهندو، ٻئي طرف وزير اعلي سنڌ جي معاون خاص پ پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاه شيرازي، اڳوٽي ايم پي اي سيد امتياز شاه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاه شيرازي ۽ ٻين ور شهر مقتول موسي ملاح جي تڏي تي پهچي مقتول محمد موسي ملاح جي وارثن سان تعزيت ڪري ڏک ونڊيندي سيد رياض حسين شاه شيرازي چيو ته اسان ملاح برادري سان هن ڏک جي گهڙي ۾ گڏ اهيون قاتل جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي، مقتول جي خون سان انصاف ڪرائي سک جو ساهه پٽينداسين. هن مقتول جي وارثن کي هرممڪن مدد جي پڻ خاطري ڪرائي، جڏهن ته تعزيتن جو سلسلو پڻ جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 36

پاڳ سندس زال زوبيا ۽ گهر جي ٻين عورتن قربانو زليخا ۽ حاجرا سان گڏ نيشنل پريس ڪلب بدين تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ٽنڊو باگو جي رهواسين رمضان خاصخيلي، وڪيو خاصخيلي، مهتاب خاصخيلي، اسلم خاصخيلي، امين ملاح ڪجھ ذات جا ڪاتيار ۽ نامعلوم ماڻهن وارد نمبر 9 ميرن جي پاڙي وٽ اسان جي رستا روڪ ڪري بيگناهه عورتن ۽ مون تي حملو ڪري مارڪٽ ۽ تشدد ڪيو جنهن بعد اسان ٽنڊو باگو ٿاڻي تي وڃي اين سي ڪٽائي ۾ پوليس اسان جي فرياد تي ڪو به عمل نه ڪيو جڏهن ته اڳين ڌر جي چوڻ ۾ اچي اسان تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، هن چيو ته اسان جو خاصخيلي برادري جي ماڻهن سان اڳ ۾ تڪرار هليو پي جنهن تي هنن اسان تي ڪيس داخل ڪيو هو پر راڄوڻي فيصلن ۽ ڪورٽ ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا جنهن بعد ڪورٽ سگهوري اسان کي تحفظ ڏنو ته هنن سان ڪنهن به قسم جي چيڙ چاڙ نه ڪئي وڃي هن جي باوجود به خاصخيلي برادري جي ماڻهون اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي پنهنجا گهر ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽ اسان جي گهرن تي قبضو ڪري ويهي رهيا جنهن بعد اسان دربدر ٿي وياسين هن چيو ته اسان غريب مزدوري ڪندا آهيون اسان پنهنجي معصوم ٻارڙن جي تحفظ لاءِ پنهنجا گهر ڇڏي وياسين تڏهن به اسان جو جيئڻ جنجال آهي اسان تي بيگناهه حملو ٿيو آهي پر اسان جي داد فرياد نٿي ٿيئي. هن سيشن جج بدين، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي بدين کان اپيل ڪئي ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ هن سڄي معاملي جي جانچ ڪرائي اسان غريبن کي انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 37

ڪاٽي جي انتظاميا جي ملي ڀڳت سان مال ٻڙي جو ٺيڪو غير مقامي ٺيڪيدارن حوالي، مقامي ٺيڪيدارن سميت پاڳيا ۽ واپاري سراپا احتجاج ٻڌيل تفصيل موجب: ٿرپارڪر جي مرڪزي شهر اسلام ڪوٽ ۾ ٽائون انتظاميه جي معاونت سان لڳندڙ مال ٻڙي گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪرپشن جو گڙه بڻجي وئي آهي. مال ٻڙي جو ٺيڪيدار ٽائون انتظاميه جي ملي ڀڳت سان مال ٻڙي لاءِ مختص ڪيل ڏينهن اربع ۽ خميس سان گڏوگڏ اربع جي شام ٽرڪول مين روڊ تي ۽ اڄ جي ڏينهن مارئي اسٽيڊيم پرسان مال ٻڙي هلائڻ لڳو آهي جڏهن ته ٽائون رڪارڊ ۾ صرف ٻه ڏينهن جي مال ٻڙي چاتايل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ذريعن موجب هفتي ۾ ٽي کان چار ڏينهن هلندڙ مال ٻڙي تان ٿيندڙ وصولي 70 فيصد ڪرپشن جي ور چڙهيل آهي. جنهن ۾ ٽائون آفيسر نوابشاه کان اسلام ڪوٽ مال ٻڙي لاءِ مقرر ڪيل ٺيڪيدار سميت لاڳاپيل انتظاميه ملوث آهي. جڏهن ته مال ٻڙي تان ٿيندڙ وصولي 30 فيصد حصو ٽائون ڪاميٽي اسلام ڪوٽ جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿي رهيو ...

وڪرو ڪيو ويون، جنهن تي آسپاس جي رهواسين ۽ ٽرڪول روڊ تان گذرندڙ مختلف گاڏين جي ڊرائيورن جو چوڻ هو ته مال ٻڙي رات جي وقت ۾ مين روڊ تي هجڻ سبب حادثي جو خدشو رهي ٿو. پيو ته رات جي وقت اسلام ڪوٽ جي مختلف محلن ۽ ڳوٺن مان چوري ٿيل چوپايو مال پڻ ٻآساني وڪرو ٿي وڃي ٿو ٻئي پاسي مقامي ٺيڪيدارن ۽ واپارين جو چوڻ هو ته تازو چوپائي مال جي لڳندڙ ٻڙي جو ٺيڪو ڪجھ گرهه ۾ غير مقامي ٺيڪيدار کي ڏنو ويو آهي جنهن جو تعلق نوابشاه سان آهي جڏهن ته مقامي ٺيڪيدار ڪال ڊپازٽ ڀرڻ باوجود ٺيڪي کان محروم رهيا ذريعن موجب ٽائون انتظاميه مقامي ماڻهن کي ٺيڪو ڏيڻ بجائي ٻاهران ماڻهو گهرائي ڀاري رشوت عيوض ٺيڪو ڏئي ڇڏيو آهي. انهي سلسلي ۾ تعلقي اسلام ڪوٽ جي واپارين، ٺيڪيدارن جو چوڻ هو ته ڊي سي ٿر ۽ ڪمشنر ميرپورخاص ترت معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي انصاف فراهم ڪن ٻئي پاسي شهرين جو چوڻ هو ته مختلف وقتن تي ميڊيا جي نشاندهي تي اي سي اسلام ڪوٽ ۽ پوليس رڳو پاڳين. واپارين خلاف هڪ ڏينهن جي ڪارروائي ڪري فارملٽي پوري ڪرڻ لڳا آهن، مال ٻڙي انتظاميا کي پابند نه بڻايو آهي ته ٻڙي صرف ڏينهن جو لڳائي وڃي.

بقايا | سنڌيار | 38

عبدالرزاق عابد لاکو ، مولانا محمد صالح انڍڙ ، آغا محمد ايوب شاه، مولانا عبدالله مهر، ڊاڪٽر اي جي انصاري ، قاري لياقت علي مغل ،قاري محمد فاروق شيخ ، مفتي اعظم مهر ، مفتي قمرالدين ملاڻو ، مولانا امان الله سڪروي ، مولانا مولا بخش مهر مولانا عبيدالله پنهور سميت سياسي سماجي واپاري اڳواڻن وڪيلن صحافين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جي يو آءِ جي اڳواڻن ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ مڪاني چونڊون ۾ جي يو آءِ وڏي اڪثريت سان سوپ ماڻي آهي .هنن چيو ته جيڪي اسان جا عهديدار بلدياتي اليڪشن ۾ ڪامياب ٿيا آهن . هو سنڌ جي عوام جي بلاتفريق خدمت ڪندا . هن چيو ته اسان عام چونڊن ۾ ڀرپور تيارين سان ميدان تي لهنداسين . جي يو آءِ ملڪ مان غربت ختم ڪري عوام کي خوشحال ڪندي، عهديدار ۽ ڪارڪن پنهنجي علائقن ۾ پارٽيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو . ملڪ کي مولانا فضل الرحمان جهڙي سياستدان جي ضرورت آهي . هن چيو ته سنڌ صوبو جيڪو ملڪي معيشت ۾ 70فيصد روينيو 60فيصد گئس ڏئي رهيو آهي پرسنڌ جو عوام اڄ به بجلي ۽ گئس جي بدترين لوڊشيڊنگ بک بدحاليءَ پاڻي جي کوٽ ۽ بيروزگاري برداشت ڪري رهي آهي . جڏهن ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال جي ڪري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي چڪو آهي . ڪشمور ڪنڌڪوٽ گهوٽڪي ۽ جيڪب آباد ضلعا ڀنگ لاءِ اغوا جي انڊسٽري بڻجي چڪا آهن .هر روز معصوم ٻارڙا مزدور ۽ عورتون اغوا ٿي رهيون آهن. ڌاڙيلن وٽ نيٽو جا هٿيار ڪٿان ٿا اچن . بندوق جي زور تي سنڌ ۾ خوف جو راڄ جاري آهي . هن وقت به سنڌ مان گهٽ ۾ گهٽ به 35کان 40 ماڻهون اغوا ٿيل آهن. جن ۾ سکر جي سنگرار جي معصوم ٻارڙي پريا ڪماري به شامل آهي . ۽ هنگورجا واسي ٻارڙو جعفريٽو ، ٺٽڙي فرحان سومرو، عظيم مشيڪ . ڇنين ورهين جي ڪوثر ڪوسو ۽ سندس والده نازيا ڪوسو سميت شامل آهن . جنهن کي فلفور بازياب ڪرايو وڃي. سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي . آخرم مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا

بقايا | سنڌيار | 39

پاڳ سندس زال زوبيا ۽ گهر جي ٻين عورتن قربانو زليخا ۽ حاجرا سان گڏ نيشنل پريس ڪلب بدين تي پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته ٽنڊو باگو جي رهواسين رمضان خاصخيلي، وڪيو خاصخيلي، مهتاب خاصخيلي، اسلم خاصخيلي، امين ملاح ڪجھ ذات جا ڪاتيار ۽ نامعلوم ماڻهن وارد نمبر 9 ميرن جي پاڙي وٽ اسان جي رستا روڪ ڪري بيگناهه عورتن ۽ مون تي حملو ڪري مارڪٽ ۽ تشدد ڪيو جنهن بعد اسان ٽنڊو باگو ٿاڻي تي وڃي اين سي ڪٽائي ۾ پوليس اسان جي فرياد تي ڪو به عمل نه ڪيو جڏهن ته اڳين ڌر جي چوڻ ۾ اچي اسان تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، هن چيو ته اسان جو خاصخيلي برادري جي ماڻهن سان اڳ ۾ تڪرار هليو پي جنهن تي هنن اسان تي ڪيس داخل ڪيو هو پر راڄوڻي فيصلن ۽ ڪورٽ ۾ ڪوڙا ثابت ٿيا جنهن بعد ڪورٽ سگهوري اسان کي تحفظ ڏنو ته هنن سان ڪنهن به قسم جي چيڙ چاڙ نه ڪئي وڃي هن جي باوجود به خاصخيلي برادري جي ماڻهون اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏيئي پنهنجا گهر ڇڏي وڃڻ تي مجبور ڪيو ۽ اسان جي گهرن تي قبضو ڪري ويهي رهيا جنهن بعد اسان دربدر ٿي وياسين هن چيو ته اسان غريب مزدوري ڪندا آهيون اسان پنهنجي معصوم ٻارڙن جي تحفظ لاءِ پنهنجا گهر ڇڏي وياسين تڏهن به اسان جو جيئڻ جنجال آهي اسان تي بيگناهه حملو ٿيو آهي پر اسان جي داد فرياد نٿي ٿيئي. هن سيشن جج بدين، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي بدين کان اپيل ڪئي ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ هن سڄي معاملي جي جانچ ڪرائي اسان غريبن کي انصاف ڏياريو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 40

جنرل باڊي جي سکر پريس ڪلب ۾ ٿيل اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو اجلاس ايس يو جي صدر امداد بوزدار ۽ سکر پريس ڪلب صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل جي صدارت هيٺ ٿيو. اجلاس ۾ پي ايف يو جي جو سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ،ايس يو جي جو نائب صدر خالد ٻانيڻ، ايس پي سي جي نائب صدر لالا شهباز پٺاڻ، ايس پي سي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي، ايس يو جي جنرل سيڪريٽري احقر رضوي، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن جي صدر سليم سهتو سيفما چيپٽر سکر جي صدر ...

ڪامران شيخ، مرتضيٰ جوڻيجو، زمان باجوا، رياض راجپوت،فاروق سومرو ، اعجاز چڇڙ، اسحاق ڪوسو فريد سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ مختلف ميمبرن ڪامران شيخ،مجيب ورند،قذافي شاه، شاه ولي ۽ عمران شيخ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته جيڪي سرڪاري آفيسرن ۽ عوام کي صحافت جي نالي تي پنهنجي مفادن جو نشانو بڻائي رهيا آهن ۽ ڪافي عرصي کان سکر پريس ڪلب ۽ قيادت خلاف سازشون ڪري رهيا آهن انهن جي مڪروهه چهرن کي عوام آڏو ظاهر ڪرڻ سان گڏ انهن خلاف قانوني ڪاروائي ٿيڻ گهرجي. اجلاس کي سکر پريس ڪلب جي صدر چوڌري محمد ارشاد گوندل چيو ته سموري ميمبر آئين تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا. ڪنهن به قسم جي پڃڪڙي نه ٿيڻ گهرجي. اجلاس کي خطاب ڪندي لس و جي جي صدر امداد بوزدار چيو ته سکر پريس ڪلب ۽ اڳواڻن خلاف سازش ڪندڙن کي قانون تحت سزا ڏياريندا سين. اجلاس کي PFUJجي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ خطاب ڪندي چيو ته ٽن ڏهاڪن جي جدوجهد ۽ محنت جي نتيجي ۾ سکر پريس ڪلب جي خوبصورت عمارت تعمير ٿي ۽ صحافين جي اتحاد کي مضبوط ڪيو ويو جيڪو عمل ڪجھ عناصرن کي هضم نه ٿي رهيو آهي. هنن جو خيال آهي ته هو مختلف وقتن تي سازشون ڪري هن اتحاد کي ڪمزور ڪندا پر اها سندن غلطي آهي. سچي صحافت رڳو ملڪ ۽ عوام لاءِ آهي. مفاد پرست طبقو پنهنجي سازشن سان ئي ختم ٿي ويندو صحافين خلاف ڪجھ به نه ڪري سگهندا صحافي اتحاد قائم رهندو اجلاس جي آخر ۾ سکر پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري شهزاد تاباڻي ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي جنرل سيڪريٽري احقر رضوي پاران پنج اهم ٺهراءَ ايوان ۾ پيش ڪيا ويا. جن کي اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو ويو متي چاتايل عهديدارن ٺهراءَ پيش ڪيو ته صحافت جي آزادي ۽ زرد صحافت جي خلاف ڪنهن به قدم کي هي ايوان اڪثريت راءِ سان رد ڪري ٿو. شهر ۾ شهرين کي ڦرڻ ۽ ڀاڻ کي قانون کان مٿاهون سمجهڻ زرد صحافت جي گروهه جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. سکر پريس ڪلب ۽ يونين جي عهديدارن کي اهو اختيار هوندو ته هو ميمبرن خلاف ڪنهن به سازش ۾ ملوث ماڻهن خلاف هر سطح تي ڪارروائي ڪري سگهندا ۽ ڪنهن به ميمبر کي سزا ۽ معافي ڏيڻ جو آئيني اختيار صرف جنرل باڊي وٽ هوندو ۽ سکر پريس ڪلب هن معزز ايوان ذريعي سيني کي اطلاع ٿو ڏئي ته اڄ کان پوءِ ڪنهن به قسم جي منافقت کي برداشت نه ڪيو ويندو اجلاس ۾ پنوعاقل پريس ڪلب پنوعاقل يونين آف جرنلسٽس ۽ روهڙي پريس ڪلب ۽ روهڙي يونين آف جرنلسٽس جي صدرن، سيڪريٽرين جي اڳواڻي ۾ وفد مبصر طور اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 41

ساڪرو ٿاڻي تي فريادي گل حسن ولد الهڏنو ملاح جي فرياد تي ڏوهه نمبر 97/2023 قلم 302.459.460.324.34 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي، جنهن بعد ميرپور ساڪرو پوليس تحرڪ وٺندي ڪيترن ئي شڪي ڏوهارين کي گرفتار ڪري پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري ڪري ڇڏيو آهي، پر اڃان پوليس حقيقي ڏوهارين کي گرفتار ڪري ناهي سگهي، جن جي گرفتارين لاءِ پوليس پاران ڇاپن جو سلسلو تيزي سان جاري آهي. ياد رهي ته 2 راتيون اڳ ور شهر جي ڳوٺ صحبت خان خشڪ ۾ ٿيل دل ڏکوئيندڙ واقعي بعد ملاح برادري سميت آسپاس جي رهواسين پاران وڌندڙ ڏوهي وارداتن توڙي ور شهر واقعي ۾ ملوث ملاح برادري جي ڏوهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ ڪيل احتجاج جو ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو بروقت نوٽيس وٺندي 48 ڪلاڪن اندر سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي مهلت گهري ورتي هئي، جيڪو وقت آهستي، آهستي گذرندو پيو وڃي. جنهن ڪري حقيقي جوابدار گرفتار نه ٿيڻ ڪري مقتول توڙي زخمي ملاح برادري جي ماڻهن ۾ ڪاوڙ جي لهر ورڻندي پئي وڃي، جن ايس ايس پي ٺٽو کي ياد ڏهاني ڪرائيندي چيو آهي ته سندس ورتل 48 ڪلاڪن جي مهلت وارو وقت تيزي سان گذرندو پيو وڃي. ان ڪري فورن حقيقي جوابدارن کي گرفتار ڪري مقتول جي وارثن توڙي زخمين سان انصاف ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ ڏنل مهلت وارو وقت گذرڻ بعد سنڌ ملاح فورم جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ملاح اڳواڻ ڏاڏا آدم گندرو پاران ڏنل احتجاج جي سڏ تي ور شهر سميت پوري ضلعي ۾ سخت احتجاجن جو سلسلو جاري ڪيو ويندو، جيڪو سمورن حقيقي جوابدار جي گرفتاري تائين جاري رهندو، ٻئي طرف وزير اعلي سنڌ جي معاون خاص پ پ پ ايم پي اي سيد رياض حسين شاه شيرازي، اڳوٽي ايم پي اي سيد امتياز شاه شيرازي، سيد تنوير حيدر شاه شيرازي ۽ ٻين ور شهر مقتول موسي ملاح جي تڏي تي پهچي مقتول محمد موسي ملاح جي وارثن سان تعزيت ڪري ڏک ونڊيندي سيد رياض حسين شاه شيرازي چيو ته اسان ملاح برادري سان هن ڏک جي گهڙي ۾ گڏ اهيون قاتل جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائي، مقتول جي خون سان انصاف ڪرائي سک جو ساهه پٽينداسين. هن مقتول جي وارثن کي هرممڪن مدد جي پڻ خاطري ڪرائي، جڏهن ته تعزيتن جو سلسلو پڻ جاري آهي.

بقايا | سنڌيار | 42

طور تي علامه اقبال اوپن يونيورسٽي سان رجسٽرڊ ڪيا ويندا ، ۽ اهي سوئٽ سينٽر پاڪستان جي ٻين علائقن جيان ضلعي ٺٽي، سڄاول ۽ بدين جي مختلف علائقن جي شاگردن لاءِ بهتيل سهولت سينٽر طور ڪم ڪندا علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي ريجنل ڊائريڪٽر حسن رند وڌيڪ چيو ته علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي سوئٽ سينٽرن جي قيام جو مقصد عام آهي ته نوجوانن تائين تعليمي جي رسائي کي وڌ کان وڌ بهتر بڻائي سگهجي ... [illegible]

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
روزاني سنڌيار
Daily SINDHYAR Karachi
www.dailysindhyar.com
NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر ۾ شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي ۾ سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت ۾ ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com